# آبِ ڪوثر

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ٻن عربي قصيدن جو
سنڌي ۾ سرائڪيءَ ۾ منظوم ترجمو، سليس سمجهاڻيءَ سان



ترجمو ۽ سمجهاڻي

غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

# آبِ ڪوثر

(مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ٻن عربي قصيدن جو
سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ منظوم ترجمو، سليس سمجهاڻيءَ سان)

ترجمو ۽ سمجهاڻي
غلام حسين "مشتاق" سچاروي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
حيدرآباد، سنڌ
2011ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (159)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# آب ڪوثر

ترجمو ۽ سمجهاڻي: غلام حسين 'مشتاق' سچاروي
ٽائيٽل ۽ عربي ڪتابت: فيض محمد پٽافي سڪندري
ڇاپو پهريون: 2011ع
تعداد: 500
قيمت: 70 روپيا

**Catalogue Reference**
Sacharvi Ghulam Hussain `Mushtaq`
Aab-e-Kausar
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-53-6

Aab-e-Kausar

| | |
|---|---|
| Translation & Description: | Ghulam Hussain `Mushtaq` Sacharvi |
| Edition: | First 2011 |
| Quantity: | 500 |
| Calligraphy: | Faiz Muhammad Pitafi Sikanderi |
| Composed by: | Tolaram Suthar & Ihsan Laghari |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printer: | Pakeeza Printers, Hyderabad |

هيءُ ڪتاب، تاج جويو، سيڪريٽري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. اڪادمي ادبيات پاڪستان جي مالي سهڪار سان، ميشرس پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد. سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# ناشر نوٽ

سنڌي ٻوليءَ ۾ مذهبي ادب جي آڳاٽن ڪتابن ڪي ٻيهر ڇاپڻ، انهن ڪي جديد صورتخطيءَ ۾ اٿلائڻ ۽ انهن جي ترجمي ۽ سمجهاڻيءَ واري مقصد ڪي سامهون رکندي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران جيڪا رٿا هلندڙ آهي، هيءَ ڪتاب ان جو هڪ حصو آهي. ڪلهوڙن جي دور جي تمام وڏي مذهبي عالم ۽ استاد مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ نه صرف سنڌيءَ ۾ ڪيترو مذهبي ادب ڇڏيو آهي، بلڪ عربيءَ ۾ پڻ ڪيئي ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان ڪيترائي مصر جي جامعہ الاظهر جي لائبريريءَ ۾ موجود آهن ۽ عالمن ۽ شاگردن جي مطالعي هيٺ رهن ٿا. هيءُ ڪتاب سندس لکيل ٻن عربي قصيدن جو سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ ترجمو آهي، جيڪو جناب غلام حسين 'مشتاق' سچارويءَ سمجهاڻين سان پيش ڪيو آهي ۽ جنهن ڪي سنڌ جي موجوده دور جي تمام وڏي عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مرحوم پڻ نظر مان ڪڍيو ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو. ان کانسواءِ محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومري پڻ هن مسودي ڪي پسند ڪيو ۽ ان بابت لکيو آهي. محترم پروفيسر قلندر شاهہ لکياريءَ پڻ هن ڪتاب تي پنهنجي ماهرانہ راءِ ڏني، ۽ ائين هيءُ ڪتاب گهڻن هٿن مان ٿيندو ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ پهتو آهي. اسان کي اميد آهي تہ پڙهندڙن ڪي بہ هيءُ ڪتاب پسند ايندو ۽ هو ان مان لاڀ پرائيندا.

ڊاڪٽر فهميده حسين

## باسمہ تعاليٰ

وڏي محبت واري مصنف غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي صاحب پنهنجي دلي محبت ۽ علمي محنت جو هي تحفو جناب رسول الله صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جي عاشقن جي سڪ ۽ سعادت وڌائڻ لاءِ پيش ڪيو آهي. حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي آندل الاهي پيغام سان سارو جڳ روشن ٿيو، وحدانيت ۾ ايمان پختو ٿيو ۽ وهم و گمان جا بت ڀڳا. ان وقت جي وڏي عرب شاعر حسّان بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي شاعري ڪي حضرت جن جي صفت ۽ ساراهہ لاءِ وقف ڪيو. 7 صدي ۾ اهو شرف امام بوصيري (ابو عبدالله شرف الدين محمد) کي نصيب ٿيو، جنهن حضرت جن جي شان ۾ پنهنجو قصيدو (اَلڪَواڪِبُ اَلدّريه في مَدْحِ خيّر البَريه) منظوم ڪيو، جيڪو ”قصيدو برده“ جي نالي سان مشهور ٿيو. ايران جي وڏي عارف شاعر حافظ شيرازي حضرت ﷺ جن لاءِ پنهنجي محبت جو اظهار وڏي ادب عقيدت سان ڪيو آهي:

**هزار بار بشويم دهن ز مشڪ و گلاب**
**هنوز نام تو گفتن ڪمال بي ادبي است**

هزار ڀيرا ڪٽي مشڪ ۽ گلاب سان پنهنجو وات ڌوئان تہ بہ سندءِ نالو زبان تي آڻڻ وڏي بي ادبي آهي.

سنڌ ۾ حضرت ﷺ جن جا هزارين عاشق پيدا ٿيا، جن سندن ولادت ۽ سوانح جي ساراهہ ۾ ايترا تہ موتي پوتا جو ان دلپذير ساراهہ جو نالو ئي ”مولود“ شريف تي ويو. سنڌ جي وڏي عالم ۽ حضرت ﷺ جن جي عاشق مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، امام بوصيري رحمت الله عليه واري وات ورتي ۽ عربيءَ ۾ اٺ قصيدا چيا، جن کي ”ثمانية قصائد صفار“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هاڻي هن هلندڙ دؤر ۾ عاشق رسول ﷺ ”مشتاق سچاروي“ مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ جن جي ٻن قصيدن جو سنڌي ۽ سرائڪي ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي ۽ ان کي ”آب

ڪوثر“ جو نالو ڏنو آهي. هن صاحب، مخدوم صاحب جي هر عربي بيت جي سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ صحيح ترجماني ڪئي آهي. سندس پنهنجي لکڻ موجب هُن ”عربي زبان جي لفظن، مفهوم ۽ پيغام“ جي قريب ترين ترجمي جو حق ادا ڪيو آهي.

هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ صحيح ترجمو اهو مصنف ڪري سگهي ٿو، جيڪو ٻنهي ٻولين ۾ ايتري ڄاڻ رکندڙ هجي، جيئن هو اصل متن جي نه فقط لفظن بلڪ معنوي اشارن ڪناين کي به ترجمي واري صورت ۾ ادا ڪري سگهي. خوش قسمتيءَ سان سڄاروي صاحب عربي توڙي سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ اها ڄاڻ رکي ٿو، جنهن ڪري سندس ڪيل ترجمو هر لحاظ سان معياري آهي. بيشڪ مصنف جي هي محنت هر لحاظ سان هڪ ڪامياب ڪوشش آهي. پاڻ صحيح لکيو اٿس ته ”هي ڪم مشڪل هو، پر الله تعاليٰ جي ڪرم نوازي ۽ حضور ﷺ جن جي فيض سان ئي آسان ٿي ويو.“ سڄاروي صاحب عربي متن جي معياري ترجمي کان اڳتي به وک وڌائي آهي. يعني متن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي ڪلي طور تي واضح ڪرڻ لاءِ جيڪا سمجهاڻي لکي اٿس سا به تعريف جوڳي آهي.

علامه آءِ آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد
14 صفر 1431ھ
مطابق 30 جنوري 2010 ع

خادم العلم
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سکڻ سعادت

انساني نفسيات جي تقاضا آهي تہ انسان پنهنجي آدرشي يا محبوب شخصيت جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهي، بلڪ هن جو متاثر ٿيڻ ئي ان ڳالهہ کي لازمي ڪري ٿو تہ هو ان شخصيت بابت پنهنجي جذبات ۽ عقيدت جو اظهار ڪري. تاريخ ۾ هنن سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ محبت ۽ عقيدت جو اظهار مذهبي شخصيتن بابت ملي ٿو. وڏي ڳالهہ تہ اها عقيدت آخر ۾ هڪ اهڙي انتها تي پهچي ٿي، جتي اهڙن انسانن کي ديوتا يا خدا جو درجو ڏنو وڃي ٿو، جيڪا هڪ لحاظ کان انساني تصور جي آخري حد آهي. اسلام ئي هڪ اهڙو مذهب آهي، جنهن ۾ خدا ۽ انسان جي ان تعريف کي هر صورت ۾ برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهو ان ڪري تہ جيئن خلقڻهار ۽ ٻانهي جي وچ ۾ بنيادي فرق قائم رهي سگهي، جنهن کي اسلام جو بنيادي رڪن توحيد چئجي ٿو.

اسلام ۾ توحيد کان پوءِ رسالت جي اهميت آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ انسانن ۾ ڪي اهڙا خاص انسان ٿي گذريا آهن، جن کي ڪائنات، جي خلقڻهار طرفان انسانن جي هدايت (Guidance) واسطي اهو مقام عطا ٿيو آهي. انساني تاريخ ۾ ان جا ثبوت ۽ شاهديون ملن ٿيون، انهي پس منظر ۾ انساني تاريخ جي آخري پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي باري ۾ مغرب جي وڏي مفڪر ۽ ڏاهي شخص ٿامس ڪارلائل (Thomas Carlyle) هنن لفظن ۾ مخاطب ٿيندي دنيا وارن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

”بيشڪ هو صحرا جاول انسان وڏي دل وارو هو. سندس ڪارين اکين ۾ عجيب چمڪ هئي ۽ ذاتي خواهشن جي مقابلي ۾ هو روح جي گهراين تائين وسيع سماجي سوچ ۽ فڪر رکندڙ هو. اهو عظيم خاموش انسان پنهنجي ارادي ۾ هر طرح سچو ۽ کرو هو. بلڪ فطرت ئي هن کي اهڙو سچو ۽ صحيح انسان ڪري پيدا ڪيو هو، جتي

ٻيا ماڻهو صرف ڪنهن مخصوص روش ۽ ٻڌل ڳالهين تي هلڻ لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيندا آهن اتي هن شخص پاڻ کي ڪنهن خاص ٻنڌڻ ۾ ٻڌي نہ رکيو هو. پنهنجي ليکي ۽ اڪيلي سر شين جي اصليت ڏانهن متوجہ هو. ڪائنات جو عظيم ڳجهہ متس پاڻ ظاهر ٿيو، جنهن ۾ سڀ خوف خطرا هئا تہ شاندار انڪشاف پڻ شامل هئا. هن لاءِ ڪنهن بہ قسم جي ٻڌل ڳالهہ يا روايت ان اصل حقيقت کي لڪائي نہ سگهي تہ آءٌ هتي آهيان (ذات خداوندي) اها سچائي، جنهن جي اسان ڳالهہ ڪئي، سون ورني سچ هئي، جيڪا فطرت ۽ قدرت طرفان هئي.

اهڙي انسان جو هر لفظ فطرت جي قلب مان سڌو سنئون نڪتل آواز ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري ٻين ماڻهن لاءِ ضروري ٿي پوي ٿو تہ اهي انهيءَ شخص جو سڏ ٻڌن يا ٻوڙا ٿي ويهي رهن، ڇو تہ باقي سڀ ڪجهہ هوا جي جهوٽي وانگر آهي. هزارين سوچن جا وهڪرا ۽ ريتون رسمون انهيءَ شخص جي چوگرد هيون. آءٌ ڪير آهيان؟ هي اڻ ڪٽ ڪائنات جنهن ۾ آءٌ آهيان ڇا آهي؟ زندگي ڇا آهي؟ موت ڇا آهي؟ مونکي ڇا تي ويساهہ رکڻو آهي؟ مون کي هتي ڇا ڪرڻو آهي؟ هنن سوالن جا جواب مڪي جا ڪارا جبل توڙي طورسينا جا پهاڙ ۽ برپٽ بيابان نٿي ڏئي سگهيا. ائين خاموش وشال آڪاش پنهنجي چمڪندڙ ستارن سان پڻ ڪو جواب نٿي ڏئي سگهيو. مطلب تہ ڪنهن وٽ ڪوبہ جواب نہ هو. اهڙي صورتحال ۾ انهيءَ انسان جو اهو روحاني ڪارنامو ۽ ذات خداوندي طرفان الهام هو، جيڪي ان سوال جو جواب ڏئي سگهيا ٿي."

پيغمبر اسلام جي انهيءَ تاريخ ساز ڪردار کي قرآن جي زبان ۾ "رَحْمَةً لِلْعَالَمِيْنَ" چيو ويو آهي. هن حقيقت کي سمجهڻ سمجهائڻ جو ٻيو وڏو سبب، يا توجيهہ سندن اعليٰ اخلاق آهي. ٻين لفظن ۾ دنيا جي ٻي ڪا شخصيت اهڙو مثال پيش ڪرڻ کان قاصر آهي، جنهن ۾ اهي سڀ اعليٰ انساني اخلاق موجود هجن، جن جي باري ۾ اڄ ڏينهن تائين ايترو اتفاق ٿي سگهيو هجي، انهيءَ پس منظر ۾ اهو سمجهڻ ڏکيو نہ آهي تہ ڇو پاڻ فرمايائون تہ "بُعِثْتُ لِأُتَمِمَ مَكَارِمَ الاخلاق" يعني آءٌ انهي ڪري موڪليو ويو آهيان تہ جيئن بهترين انساني اخلاق جي تشڪيل ٿي سگهي. انهيءَ ڪري ڏسبو تہ حضور ڪريم ﷺ بابت سندن زندگي

ڪان وٺي شعر و شاعري ۾ جيتري ٻه تعريف يا ساراهه ڪئي وئي آهي، ان ۾ انساني اخلاق، ڪردار ۽ ٻين اعليٰ انساني قدرن بابت ئي وڌ ۾ وڌ ذڪر ملندو ۽ ان ۾ الوهيت وارو پهلو نظر نه ايندو، چو ته اها ئي ڳالهه اسلامي تعليمات جي روح مطابق آهي.

هاڻي انهيءَ لحاظ ڪان ڏسجي ته ارڙهين صدي عيسوي يا ٻارهين صدي هجري ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جا عربي ۾ لکيل قصيدا، انهيءَ اعليٰ معيار تي پورا بيهن ٿا. سڀ ڪان پهريائين ان ۾ عشق ۽ محبت جي سچي جذبي جي ڀرپور جهلڪ نظر اچي ٿي، جنهن جو اظهار هر محبوب شخصيت لاءِ فطري آهي ۽ اهو مؤثر شاعريءَ جو اهم جُز آهي. ان ڪان پوءِ هنن قصيدن ۾ ڪن بنيادي حقيقتن يعني هدايت ۽ رهنمائي واري پهلو ڪي واضح ڪيو ويو آهي، جيئن هڪ بند ۾ چوي ٿو:

مَرَرْتُ بِمَعْوَجِ الطَّرِيْقِ غَوَايَةً
اَطَعْتُ عَدُوًّا لَا يُرِيْدُ اِسْتِقَامَتِيْ

اڻ سڌي رستي تي گمراهي سبب آهيان هليو،
پنهنجي ئي بدخواهه دشمن جي پنيان آهيان لڳو.

اڳتي هلي جناب رسول ﷺ جي تاريخي ڪردار يعني هدايت جي روشني ڦهلائڻ بابت نهايت موثر ڪندڙ لفظن ۾ هيئن چيو اٿس:

اَضَاءَ بِكَ الْاَكْوَانُ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ
فَيَا نُوْرَ اللّٰهِ نَوِّرْ سَحَامَتِيْ

هر طرف ڪان تي ويا ٿنهنجي ڪري روشن جهان،
ڪر منور منهنجا اي نور خدا ڪارا نشان.

هڪ ٻئي شعر ۾ مجاز جو رنگ ڀريندي حقيقت جي ترجماني هيئن ڪري ٿو:

تَزَيَّنَتِ الْاَقْطَارُ مِنْ حُسْنِ وَجْهِهٖ
تَشَعْشَعَتْ مِنْهُ اَنْوَارُ الْاِمَامَةِ

جنهن جي سهڻي چهري مان رونق جهانن کي ملي،
نور واري پيشوا ئي جنهن منجهان پکڙي وئي.

هن ساڳئي رنگ ۾ مهر علي شاهه گولڙهه واري جي نعت جو هي بند ملاحظ ڪيو ته عاشقن جي زبان ڪيتري قدر ساڳي آهي ۽ ساڳيا جذبات آهن.

کیا چاند بدر مکھ شعشانی ہے،
متھے چمکے لاٹ نورانی ہے۔

عشق ۽ محبت جو انجام محبوب سان ويجهڙائي حاصل ڪرڻ هوندو آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي هن قصيدن جي ڪيترن بندن مان اها پرينءَ جي پچار، جيڪا عاشق صادق جو سرمايو آهي چڱي ريت محسوس ڪري سگهجي ٿي ۽ ان ڪري پڙهندڙ پاڻ انهيءَ ڪيفيت مان گذرڻ لڳي ٿو ۽ مٿس اها واردات جاري ٿي وڃي ٿي.

اسان جي دوست محترم غلام حسين سڄاروي کي انهيءَ عشق جي چڻنگ مان ڪجهه حصو مليو آهي جو هي عظيم ڪم سندس هٿان سرانجام ٿيو آهي. جيتوڻيڪ عربي نظم جو منظوم سنڌي يا سرائڪي ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ ڪو سَولو ڪم ناهي، پر اهو سڀ ڪجهه عشق ۽ محبت جي توفيق سبب ئي ممڪن آهي ۽ اها "سڪ جي سعادت" غلام حسين سڄاروي جي نصيب ۾ آئي آهي. بقول شاهه عبداللطيف ڀٽائي:

مل مهانگو قطرو، سڪڻ سعادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرينءَ جو.

يا جيئن فارسي واري چيو آهي:

این سعادت بزور بازو نیست
تانہ بخشد خدائی بخشندہ

خداوند ڪريم ڀاءُ سڄاروي کي هي سعادت نصيب ڪئي آهي ۽ مونکي به ان سعادت ۾ شامل ڪيائين. فجزاک الله خيراً.

ڪَانَ اللهُ لَهٗ

ڊاڪٽرعبدالغفارسومرو
20- سنڌ هائوس، اسلام آباد

24 ربيع الاول، 1431هه
مطابق 11_مارچ 2010ع

# تعارف

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ
اَلصَّلوٰۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا رَسُوۡلَ اللّٰہِ

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (1104 هجري 1174هجري) ﷫ سنڌ جو سدا بهار عالم مصنف ۽ عاشق رسول شاعر آهي. سندس شاعري عربي فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهي. مخدوم ٺٽوي ٻنهي جهانن جي سردار، اڙين جي آڌار محمد رسول الله ﷺ جي شان ۽ ساراهه ۾ اٺ عربي قصيدا لکيا، اهي "ثمانيہ قصائد صغار" جي نالي مشهور آهن.

انهن کان علاوه مخدوم ٺٽويءَ نبي ﷺ جي شان مبارڪ ۽ معجزن بابت قُوتُ العاشقين نالي الف اشباع جي قافيي تي سنڌي بيتن ۾ بهترين ڪتاب لکيو. ان ڪتاب ۾ 186 معجزا بيان ٿيل آهن. معجزن کان اڳ ۾ مخدوم ٺٽويءَ، نبي ﷺ جي شان ۽ ساراهه ۾ 44 عربي شعرن جو قصيدو لکيو آهي ۽ انهن عربي شعرن جو ان دور جي سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم، مفهوم ۽ ترجماني وارو ترجمو به ڪيو هو. اهو ڪتاب قديم ۽ جديد صورتخطي ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي ۽ علمي دنيا ۾ اهو عربي قصيدو "اَغِثۡنِي يَا رَسُوۡلَ اللّٰہِ" نالي سان مشهور آهي. مخدوم ٺٽوي گناهن ۽ زماني جي گردش کان پناهه گهرندي هن عربي قصيدي ۾ رسول الله ﷺ کي سڪ ۽ سوز مان سڏڙا ۽ پرت مان پڪارون ڪيون آهن.

زير نظر ڪتاب "آب ڪوثر" مخدوم ٺٽوي جي انهيءَ ڪتاب قوت العاشقين ۾ آيل مشهور عربي قصيدي اَغِثۡنِي يَا رَسُوۡلَ اللّٰہِ خَانَتۡ بِدَامَتِي" ۽ سندس ٻئي مشهور قصيدي اَلۡقَصِيۡدَۃُ الۡهَاشِمِيَّۃ "يَاسَالِکاً طُرَقَ الۡمَدِيۡنَۃِ طيبَۃ" جو جديد نظم جي صورت ۾ سنڌي ۽ سرائڪي زبانن ۾ ترجمو ۽ سليس نثر ۾ سمجهاڻي جي ڪامياب ڪوشش آهي. هي ڪتاب "آب ڪوثر" موجوده دؤر ۾ عربي فارسي جي ڄاڻو اديب عاشق رسول

(ﷺ) شاعر غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي جو قلمي پورهيو آهي. سندس قلم عشق رسول ﷺ سان ٽمٽار آهي. مشتاق سچاروي اڳ ۾ قصيده برده جو ترجمو وڏي سڪ سان لکيو ۽ شايع ڪيو آهي. سندس دل ۾ عشق رسول ﷺ جو جلوو سمايل آهي. ان ڪري پاڻ مخدوم ٺٽوي ۽ جي هنن بهترين ٻن عربي قصيدن جو نظم ۽ نثر ۾ ترجمو لکيو اٿس. مشتاق سچاروي جي هن ترجمي ۾ هي خوبيون سمايل آهن:

1- پهريان عربي شعر اعرابن سان لکيل آهن.
2- عربي شعر جو سنڌي ۽ سرائڪي شعر ۾ سهڻو ترجمو ڏنو ويو آهي.
3- عربي شعر ۾ آيل نون ڏکين لفظن جي معنيٰ صرف ونحو جي قانون مطابق ماضي، مضارع ۽ امر جي صيغن ۾ سمجهائي وئي آهي.
4- عربي شعر جو عام فهم ۽ سليس نثر ۾ ترجمو ڏنو ويو آهي.

اهڙي طرح هي ڪتاب حضور پرنور ﷺ جن جي شان ۾ ڪيل محنت ۽ سڪ سان سانديل سهڻن گلن جو گلدستو بڻجي پيو آهي، جنهن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان اکيون روشن ۽ دليون هٻڪار پريون ٿي پونديون. مثال هن عربي قصيدي جي نظم ۽ نثر ۾ معنيٰ ۽ لفظن جي سمجهاڻي هن ريت آيل آهي:

اَغِثْنِيْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ حَانَتْ نِدَامَتِيْ
اَغِثْنِيْ يَا حَبِيْبَ اللّٰهِ قَامَتْ قِيَامَتِيْ

منظوم ترجمو:-

يا رسول الله رس، آهي ندامت جي گهڙي،
يا حبيب الله رس، منهنجي قيامت ٿي ڪڙي.

يا رسول الله رس، هي شرمساري دي گهڙي،
يا رسول الله رس، ميڏي قيامت ٿي ڪڙي.

لفظي معنيٰ:- **اَغِثْ**:- فعل امر غاث غَوْث ڪان، مدد ڪريو **نِي**: منهنجي **حَانَتْ**:- وقت قريب ٿيو فعل ماضي واحد مؤنث غائب، **ندامتي**:- منهنجي ندامت، پشيماني، شرمساري **قَامَتْ**: قائم ٿي وئي: فعل ماضي واحد مؤنث غائب.

نثر ۾ ترجمو:- يا رسول ﷺ منهنجي مدد فرمايو منهنجي پشيماني جو وقت پرجي آيو آهي، يا رسول ﷺ منهنجي مدد فرمايو جو منهنجي قيامت قائم ٿي چڪي آهي.

مقصد ته "مشتاق" سچاروي جي محنت، محبت سان ڀرپور آهي. دعا آهي ته انشاءالله هن ڪتاب جا قصيدا ۽ انهن جو ترجمو پڙهي حضور پرنور نبي ﷺ جن جي صدقي مترجم ۽ پڙهندڙ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني ماڻيندا (آمين).

دستگيري منهنجي ڪريو خلق جا شافع مدام،
تو ڏسان پنهنجو تباهي جي ڪناري تي مقام.

مترجم "مشتاق" سچاروي ڪتاب جي مهاڳ ۾ قصيدي جي ترجمي ڪرڻ جو سبب، سنڌي عالمن جون علمي خدمتون ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جي زندگي جو مختصر احوال ۽ قصيدن ۾ آيل مضمون جو مختصر تعارف ڪرائي ڪتاب کي جامع ۽ جاندار بنايو آهي. اَللّٰهُمَّ زِدۡ فَزِدۡ

نبي ﷺ جن جي شفاعت ۾ اميدوار

**عبدالرسول قادري**

ڳوٺ دڙي مگسي، سڪرنڊ
ضلعو شهيد بينظيرآباد (نوابشاهه)، سنڌ

تاريخ 11 صفرالمظفر 1431هه
مطابق 27 جنوري 2010 ع

# "آب - ڪوثر" تي ٻه اکر

اسلام جي آمد کان اڳ شعر گوئي جو رواج عرب قوم ۾ تمام عروج تي هوندو هو، قدرت واري انهن صحرا نشينن کي جيڪا فصاحت ۽ بلاغت ڏني هئي، انهيءَ فن ۾ دنيا جي ٻي ڪابه قوم انهن سان همسري جي دعويٰ نه ڪري سگهندي هئي. شعر چوڻ تي انهن کي ايڏو نه ملڪو حاصل هو جو جنهن به شيءِ جو خيال دل ۾ پيدا ٿيندو هو ان کي شعر جي مالها ۾ پروئي ڇڏڻ ۾ دير نه ڪندا هئا. ليڪن انهن جو موضوع پنهنجي قبيلي جي مدح و ثنا، دشمن جي هجو، حيوانن جا اوصاف، هٿيارن جي طاقت ۽ جنگ ۾ فوت ٿيندڙن جا مرثيا هوندو هو.

اسلام جي آمد کانپوءِ حضور انور عليه الصلواة والسلام جن جي تبليغي اثر ۽ حسن تربيت جي ڪري انهن پنهنجي موضوع جي رخ کي موڙي الله تعاليٰ جي حمد ۽ هيڪڙائي، حضور انور عليه الصلواة واالسلام جن جي مدح سرائي، اخلاقي ۽ شرعي هدايتن مطابق مهذب شعر چوڻ شروع ڪيا. انهن شاعرن جي فهرست ته تمام ڊگهي آهي. ليڪن جن پلارن جا نالا تمام نمايان نظر اچن ٿا. انهن ۾ حضرت ابوطالب، حضرت علي ڪرم الله وجهه، حضرت حسان بن ثابت ۽ حضرت ڪعب بن زهير رضي الله عنهم شاعري ۾ وڏو مقام ماڻيو. حضرت ڪعب بن زهير رضي الله عنہ جن جڏهن حضور ﷺ جن جي شان ۾ هي شعر چيو ته پاڻ سڳورن ڪين انعام ۾ پنهنجي چادر عطا فرمائي.

اِنَّ الرَّسُوۡلَ لَنُوۡرٌ يُسۡتَضَاءُ بِه
مُهَنَدٌ مِّنۡ سُيُوۡفِ اللهِ مَسۡلُوۡلٗ

(قصيده بانت سعاد)

حضور اڪرم عليه الصلوات و السلام جن نور آهن، جن جي ذريعي حق ۽ هدايت جي روشني حاصل ڪئي وڃي ٿي. پاڻ ڪريم ﷺ الله تعاليٰ جي تلوارن مان هڪ بي مياڻ تلوار آهن.

حضرت حسان بن ثابت حضور جن جي شان ۾ تمام گهڻا قصيدا چيا، پاڻ هڪ شعر ۾ فرمايو اٿن ته:

مَا اِنْ مَدَحْتُ مُحَمَّداً بِمَقَالَتِي
لٰكِنْ مَدَحْتُ مَقَالَتِي بِمُحَمَّدٍ
(ديوان حسان)

مون پنهنجي شاعري جي ذريعي انهيءَ همہ صفت موصوف هستي جي واکاڻ نہ ڪئي آهي. درحقيقت انهيءَ ساراهيل ذات جي ساراهہ جي ڪري منهنجي شاعري کي اهو مان ۽ مرتبو مليو آهي.

عربي ٻوليءَ جي قصيدن ۾ جيڪا شهرت ۽ مقبوليت "قصيده بُرده" ماڻي آهي اها مقبوليت شايد ئي ڪنهن قصيدي ماڻي هجي. عربن قصيده گوئي ۾ اهو مرتبو ماڻيو ان ڳالهہ جو تہ انڪار نہ آهي، ڇو تہ عربي انهن جي مادري زبان هئي. مادري ٻوليءَ ۾ نظم ۽ نثر ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ انهن لاءِ وڏي ڳالهہ نہ چئبي، اگر غير عربي (عجمي)، عربي نظم ۾ ڪمال حاصل ڪري تہ يقيناً اها وڏي ڳالهہ چئبي. سنڌ جي سرزمين کي اهو فخر حاصل آهي جو هن پلاري پوءِ جي هَنج ۾ ڪيترائي اهڙا عالم پيدا ٿيا جن پنهنجي مادري ٻولي سنڌي هوندي بہ عربي ٻولي جي نثر ۽ نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکي عرب دنيا ۾ پنهنجي شهرت ماڻي. انهن عالمن ۾ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو نالو نمايان حيثيت رکي ٿو. حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمت الله عليه جهڙيءَ ريت مادري سنڌي زبان جو ماهر هو، اهڙيءَ ريت عربي جو عظيم عالم ۽ فارسي جو فهيم فاضل بہ هو. مخدوم صاحب جي تصنيفات ۾ گهڻي تعداد ۾ عربي ڪتاب آهن، جن جو تعداد "اتحاف الاڪابر" جي ڪن خطي نسخن مطابق 107 عدد ڪتاب عربيءَ جا ۽ ڪن خطي نسخن مطابق 111 عدد ڪتاب عربي جا آهن. حضرت مخدوم صاحب جن کي جهڙي ريت عربي نثر لکڻ تي ڪامل دسترس حاصل هئي اهڙي ريت عربي نظم ۾ بہ بين عالمن کان اڳيرا نظر اچن ٿا. پاڻ ڪائنات جي ڪارڻي حضور نبي عربي ڄام ﷺ جن جي شان مبارڪ ۾ اٺ قصيدا چيا آهن، جن کي اتحاف الاڪابر ۾ "ثمانيہ قصائد صغار" جي نالي سان بيان ڪيو اٿن. انهن مان هڪ عربي قصيدو سنڌي بيتن جي تضمين سان "قُوتُ الْعَاشِقِينَ" جي ڇاپي نسخن ۾ موجود آهي. جنهن جو مطلع هن ريت آهي:

اَغِثْنِيْ يَارَسُوْلَ اللهِ حَانَتْ نِدَامَتِيْ
اَغِثْنِيْ يَاحَبِيْبَ اللهِ قَامَتْ قِيَامَتِيْ

رسيم يا رسول رب جا اجها عاصين
سڀاجها سيين پرين، مرڪڻ مرسلين
سونهارا سيين پرين، سدا سونهن سين
سڳورا سڀ خلق جا، منجھ ٻنهي جهانن
اي سائين سهڻا سپرين ڀلا ڪان ڀلن
ڀلارا ڀلين ڀتين، ضامن ضعيفن
ڪوڏايل ڪريم جا، نرمل نور اکين
ريٻارا رحيم جا ڏوا ڏيهه ڏٽين
ٻاجهائيندڙ ٻهون پرين اتي عاصين

انهيءَ قصيدي جي سمورن بندن کي حضرت مخدوم امير احمد "بَذلُ القُوَّة" جي مهاڳ ۾ نقل ڪيو آهي. هن قصيدي جو آخري بند هن ريت آهي:

لِفَضْلِ رَسُوْلِ اللهِ لَيْسَ لَهُ حَصَرٌ
لِسَانُ كُلِّ فَصِيْحٍ فِيْ قَيْدِ سَامَةٍ

حضرت، مخدوم صاحب جن کي پاڪ پيغمبر عليه الصلواة والسلام جن سان ايڏي ته محبت هوندي هئي، جو سندن قلب کي قرارئي محبوب جي ماڳ، مڪان جي ذڪر ڪرڻ سان حاصل ٿيو ٿي. هميشه اها دل ۾ اڪير اٿس ته من قادر ڪرمُ ڪري منهنجي قبر پرين پيغمبر جي پيراندي ٿئي.

پنهونءَ پيراندي، مون نماڻيءَ نصيب ٿئي.
(شاھ عبداللطيف)

تضمين ڪيل اصل سنڌيءَ ۾ جيڪو ميناج ۽ مزو آهي، ان کي ته اهل زبان ۽ اهل دل ئي پروڙي سگهن ٿا. تازو "آب ڪوثر" نالي سان مخدوم صاحب جي ٻن قصيدن جي منظوم شرح محترم غلام حسين "مشتاق " سچاروي صاحب لکي آهي. سچاروي صاحب جي لکيل شرح

ڇا آهي؟ يعني ائين ڪٿي سمجهو ته دريا کي ڪوزي ۾ بند ڪيو ويو آهي. عربي منظوم کي سنڌي منظوم جي لڙي ۾ پروئڻ ڪا سولي ڳالهه نه آهي، پر سڄاروي صاحب اهو حق نهايت احسن طريقي سان ادا ڪيو اهي. ان ڪان علاوه هن منظوم سنڌي ۽ سرائڪي ترجمي سان گڏ عربي لفظن جي معنيٰ ۽ نثر ۾ سليس سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري هڪ طرف حضور نبي عربي عليہ الصلواة و السلام جن جي مداحن ۾ پنهنجو نالو ڳڻايو آهي ته ٻئي طرف سنڌي ٻولي جي به عظيم خدمت ڪئي آهي. بهتر ته ائين ٿئي ها جو هو حضرت مخدوم صاحب جي اصلي سنڌي چيل تضمين کي پهرين لکي ۽ آخر ۾ پنهنجي چيل شعر ۽ شرح کي آڻي ها، ته اصل سنڌي کي پڙهڻ ۽ پسند ڪرڻ وارن لاءِ بهترين خدمت ثابت ٿئي ها. بهرحال سڄاروي صاحب جي هي خدمت قابل صد تحسين آهي. الله تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جي طفيل سڄاروي صاحب جي هن خدمت کي قبول فرمائي. قبر ۽ حشر ۾ محمد ڪريم ﷺ جن جي ميڙي ۾ مرڪائي (آمين بجاهه نبي الامين ﷺ وَ آله و اصحابه اجمعين.

دعاگو

**حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري**

خطيب جامع مسجد

پوليس لائين، سانگهڙ، سنڌ.

15 صفرالمظفر 1431ھ

مطابق 31 جنوري 2010ع

# عرض حال

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لله رَبّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلٰوة وَالسَّلامُ عَلىٰ سَيِّدِ الاَنْبِيَاءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ مُحَمد وّ عَلَيٰ آلِهٖ وَاَصْحٰبِهٖ وَاُمَّتِه اَجْمَعِيْنَ. امابعد:- سنڌ جي جيد عالم ۽ قابل فخر فرزند حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جن جو 1127 هجري ۾ لکيل منظوم ڪتاب ”قوةالعاشقين“ نظر مان گذريو، جنهن جي شروعات پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي شان ۾ لکيل عربي قصيدي ”اَغِثْنِي يَارَسُول الله“ سان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ 44 بند/اشعار موجود آهن. هرهڪ بند يا شعر حضور ﷺ جن سان بي پناهه محبت ۽ والهانا عشق و عقيدت جو ڀرپور اظهار آهي. انهيءَ عربي زبان ۾ لکيل قصيدي سان گڏ ان وقت جي رائج سنڌي ٻوليءَ ۾ الف اشباع جي قافيي تي بيتن جي صورت ۾ عشق و محبت جو داستان پڻ موجود آهي، جن ڪي مولودي حضرات برڪت ۽ پلاري وارين محفلن ۾ اڪثر پڙهندا رهن ٿا. هن ڪتاب ۾ عربي قصيدي ڪان علاوه حضور ﷺ جن جي 186 معجزن جو پڻ سنڌي بيتن جي صورت ۾ ذڪر ٿيل آهي، جيڪو مفتي عبدالرحمٰن صاحب ٺٽوي جي ڪوشش سان شايع ٿي چڪو آهي. مخدوم صاحب جن جي مذڪوره عربي قصيدي پڙهڻ سان روح ڪي راحت نصيب ٿيڻ سان گڏ دل ۾ اها تمنا اڌما ڏئي اڀري آئي ته هن عربي قصيدي جو سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ منظوم ترجمي سان گڏ نثر ۾ عربي لفظن جي معنيٰ ۽ سليس سمجهاڻي ڏئي عام انسانن جي هٿن تائين پهچائجي ته جيئن محبت جي هن بحر بي ڪنار مان اُهي به فيضياب ٿي سگهن.

خداوند ڪريم جي فضل و ڪرم سان مخدوم صاحب جن جي عربي زبان ۾ لکيل هن قصيدي تي ڪتاب لکي پورو ڪيم ته محترم مانواري مولانا عبدالرزاق مهراڻ سڪندري پاران مخدوم صاحب جن

جو ٻيو عربي قصيدو ”قصيده هاشميه“ يَا سَالِكاً طُرُقَ الْمَدِيْنَة طَيِّبَة- بَلِّغْ تَحِيَّاتِي اِلىٰ سَاكِنِ الحرم (اي مديني منوره جي راهن جا راهي منهنجا سلام ۽ سنيها حضور پرنور ﷺ جن جي بارگاهه ۾ پيش ڪجانءِ) ملي ويو. جيڪو پڻ 30 اشعار تي مشتمل آهي. ساڳئي جذبي ۽ محبت سان هن عربي قصيدي تي به لکڻ شروع ڪيم جو هفتي کن اندر لکي پورو ڪيم. هنن ٻنهي قيصدن کي ”آب ڪوثر“ جي نالي سان موسوم ڪري عاشقان رسول ﷺ جن جي شوق مطالع جي تسڪين لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان. شال خداوند ڪريم پنهنجي پياري حبيب ﷺ جن جي صدقي هن محبت ڀري ڪاوش کي قبول فرمائي، هن ۾ آبِ ڪوثر جي تاثير پيدا ڪري، اجايل عاشقن جي روح کي راحت بخشي. هن کان اڳ مان اهڙي ڪوشش امام محمد بوصيري رحمت الله عليه جن جي جڳ مشهور عربي قصيدي، ”قصيده برده“ جي شرح ”جام ڪوثر“ ۾ ڪري چڪو آهيان. جيڪو خداوند ڪريم جي فضل و ڪرم سان ڪافي مقبوليت ماڻي چڪو آهي.

سنڌ سڳوري ته محمد بن قاسم جي آمد وقت رسمي طور باب الاسلام سڏجڻ لڳي پر حقيقت ۾ هن کان گهڻو اڳ خود حضورﷺ جن جي فيض کان فيض ياب ٿي چڪي هئي. حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي ڪتاب ”بياض هاشمي“ ۾ لکن ٿا ته حضورﷺ جن پنهنجن پنجن اصحابي سڳورن جو وفد دين اسلام جي تبليغ لاءِ سنڌ ڏانهن موڪليو هو، جيڪو نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) آيو ۽ دينِ اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ ۾ مشغول رهيو. ڪجهه عرصي بعد ان وفد مان ٻه اصحاب سڳورا واپس حجاز روانا ٿي ويا. مگر ٽي اصحابي سڳورا هتي ئي رهيا ۽ هتي ئي وفات ڪيائون. جن جون قبرون مبارڪ به حيدرآباد جي سڳوري زمين ۾ موجود آهن. هن مان چڱي طرح معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ سڳوري کي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي چاهت سان گڏ اصحابي سڳورن جي آمد جو شرف به نصيب آهي. حضرت محمد بن حنيفه ﷺ کان اها به روايت آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو ته مون وٽ هڪ ئي ڏينهن ۾ آفريقا ۽ سنڌ جا وفد آيا، جن پنهنجي رضا خوشيءَ سان اسلام قبول ڪيو. ان کان علاوه هي روايت به موجود آهي ته هڪ سنڌي ماڻهو نبي ڪريم عليه الصلواة و السلام جن جو ٻڌي مڪي

شريف پهتو. ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ بيت الله جو طواف ڪري رهيا هئا، جڏهن هڪ شخص ويجهو پهتو ته پاڻ ڪريمن ﷺ کين آڏرڀاءُ ڪندي سنڌي ٻوليءَ ۾ فرمايو ته ”ادا اوري آ“. انهن روايتن جو سهارو وٺندي اهو چئي سگهجي ٿو ته رحمت للعالمين ﷺ جن جو سنڌ ۽ سنڌ وارن سان پيار جو ناتو رهيو آهي. تڏهن ته سنڌ جي سرزمين تي حضور عليه الصلواة و السلام جن جي ذات گرامي سان محبت عشق ۽ ادب جو والهانو جذبو هميشه موجود رهيو آهي ۽ سنڌ ڌرتي جي سپوت فرزندن دين اسلام جي اشاعت ۽ حبيب ﷺ جن سان محبت جو درس جاري رکيو آهي.

سنڌ ۾ تمام وڏا عالم فاضل ۽ اهل الله هستيون پيدا ٿيون، جن سنڌ هند حجاز ۽ عرب دنيا ۾ پنهنجي فيض جا واهڙ وهايا، جن مان علي متقي صاحب ڪنزالاعمال، ابومعشرَ نجَيع سنڌي جن جي سند سان ترمذي شريف ۾ ڪافي سندون موجود آهن. ابوالحسن ڪبير ٺٽوي صاحب صحاح سته جو حاشيه نگار، علامه رحمت الله سنڌي جيڪو مشهور فقيه ۽ محدث ملا علي قاري جو استاد آهي. ابو علي سنڌي جيڪو بايزيد بسطامي جو استاد آهي، علامه عبدالله پريالوي، مخدوم محمد حيات سنڌي مدينه منوره جو مشهور محدث، مسعود بن شيبه ديبلي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد جعفر بوبڪائي، مخدوم معين الدين ٺٽوي، مخدوم محمد عابد سيوستاني ۽ مخدوم عبدالواحد سيوستاني ڪان وٺي هلندڙ علماء فضلاء ۽ مشائخ جو هي سلسلو اڄ تائين جاري ساري آهي. هنن تمام بزرگن جو هن مختصر جائزي ۾ ڪاٿو ڪرڻ ممڪن نه آهي.

حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جن جي نسب جو سلسلو حضرت حارث بن مطلب سان ملي ٿو. ان لحاظ سان مخدوم صاحب جن عربي قريشي آهن. جيڪي اڳتي هلي سنڌ ۾ پنهور ذات سان مشهور ٿيا. سندن نسب جو سلسلو هن طرح آهي. مخدوم محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمٰن بن عبداللطيف بن عبدالرحمٰن بن خيرالدين حارثي. سندن خاندان جو اصل تعلق سيوهڻ جي علمي گهراڻي سان هو، جتان سندن والد محترم لڏي ٻنوري شهر ۾ اچي آباد ٿيو، جتي سن 1104هجري ۾ هي علم جو آفتاب پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي

والد بزرگوار وٽ ورتائين. ان بعد ٺٽي ۾ مخدوم محمد سعيد جي مدرسي ۾ ڪجهه ڪتاب پڙهيائين ۽ حضرت مخدوم ضياء الدين ٺٽوي وٽان تحصيل علم جي سند ورتائون. ٺٽو شهر ان وقت عالمن ۽ مشائخن جو وڏو مرڪز هو جتي 400 کن وڏا مدرسا هئا، جن ۾ برک، عالم قرآن، تفسير، حديث فقه، اصول فقه، صرف نحو، منطق فلسفو، تاريخ اسلام ۽ ان وقت جي رائج علوم و فنون ۾ اعليٰ تعليم ڏيندا هئا. هي مدرسا يونيورسٽيءَ جو درجو رکندا هئا، جن ۾ تعليم و تدريس سان گڏ تحقيق ۽ تصنيف جو ڪم به جاري رهندو هو. ٺٽي ۾ 1400 مسجدون هيون، جيڪي پنج وقت نماز سان گڏوگڏ مدرسي جو ڪم به ڏينديون هيون، جتي تعليم ۽ تدريس جو سلسلو هلندو رهندو هو. هي ڪلهوڙن جو سونهري دور هو، جنهن ۾ سنڌ اندر علمي ادبي تعليمي تحقيقي ڇهڇٽو عروج تي هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي به ڪجهه وقت پنهنجي ڳوٺ ۽ آس پاس ۾ تدريس جو سلسلو جاري رکڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ کان لڏي مستقل طور تي اچي ٺٽي شهر ۾ درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيو. سندن علمي شهرت جي ڪري علم جي پياسن جو وڏو انگ سندن مدرسي ۾ تعليم وٺڻ لڳو. پاڻ عظيم مفتي يا قاضي القضاۃ جي حيثيت ۾ فتاوىٰ جو ڪم به جاري رکندا رهيا. انهيءَ دوران مسجد خسرو ۾ خطابت جا فرائض به سرانجام ڏيندا رهيا. هنن سمورين بي شمار مصروفيتن جي باوجود تحقيق ۽ تصنيف جو ڪم به هلندو رهيو. وقت بوقت منهن ڪيندڙ فتنن ۽ شورشن سان به مهاڏو اٽڪائيندا رهيا. مناظرن ۾ مخالفن کي منهن ٽوڙ جواب ڏئي کين شڪست سان همڪنار ڪندا رهيا. رات جو ذڪر و اذڪار ۽ مراقبي مجاهدي ۾ شب خيزي جو سلسلو به جاري رهيو، مخدوم صاحب 300 کن ڪتاب تصنيف ڪيا آهن. سندن تصنيفات مان ڪجهه ڪتاب ڇپيا آهن. مگر افسوس جو سندن علمي ڪاوشن جو تصنيف شده وڏو ذخيرو، سندن نادر ڪتابن جي هڪ وڏي ڪتب خاني سميت مناسب سارسنڀال نه هئڻ سبب ضايع ٿي ويو آهي.

مخدوم صاحب هڪ وڏي عالم دين محقق مصنف ۽ مفتي اعظم هجڻ سان گڏ صاحب- دل اهل الله به هئا. سندن عقيدتمندن وٽ روايت مشهور آهي ته جڏهن پاڻ حج بيت الله تي ويا ته مدينه منوره ۾

روضي اطهر تي حاضر ٿي. پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي حضور ۾ سلام ۽ درود پيش ڪيائون، جنهن ۾ ڪين 'وعليڪم السلام يا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي' جو شرف حاصل ٿيو، جيڪو سندن عاشق رسول ﷺ ۽ زنده دل ولي الله هجڻ جو چٽو ثبوت آهي. هيءَ به روايت ڪتابن ۾ آيل آهي ته هڪ ڀيري حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي دوست مخدوم محمد معين الدين ٺٽويءَ وٽ ٺٽي شهر ۾ ساڻن گڏ ويٺل هو، ته ڪنهن مسئلي تي بحث ڪرڻ لاءِ مخدوم محمد هاشم به مخدوم معين وٽ آيو. جڏهن ڀٽائي رحمة الله عليه جي نظر مخدوم محمد هاشم تي پئي ته پر ۾ ويٺل پنهنجي دوست مخدوم معين کي آهستي ڪن ۾ چيائين ته "هن شخص (مخدوم محمد هاشم) جي پيشاني مان نور نبي ﷺ جن جي لاٽ ڏسي رهيو آهيان. هن سان بحث ۾ الجهڻ کان پاسو ڪجانءِ." مخدوم صاحب جي فتوائن جو ڏيهان ڏيهه چرچو هو. هڪ ماڻهو مخدوم صاحب جي شهرت ٻڌي هندستان کان کهي ٺٽي لڳ مڪلي تي پهتو، گهمندي ڦرندي ان هنڌ آيو، جتي مخدوم صاحب جي قبر آهي. جتي ڪيس هڪ شخص مليو ۽ ان ماڻهو کان ٺٽي اچڻ جي خبر پڇيائين، جنهن تي ان هندستان کان آيل ماڻهو ان شخص کي ٻڌايو ته مخدوم صاحب کان فتويٰ وٺڻ آيو آهيان، جنهن تي ان شخص سندس حقيقت ٻڌي هن کان قلم ڪاغذ وٺي ڪيس فتويٰ لکي ڏني. ان بعد اهو ماڻهو ٺٽي شهر ۾ مخدوم صاحب جي مدرسي پهتو. ڪيس خبر پئي ته مخدوم صاحب گذاري ويو آهي، پر سندس مدرسي ۾ سندس شاگرد موجود آهن، جن کي سڄو احوال ڪري اها لکيل فتويٰ ڏيکاريائين. شاگردن فتويٰ پڙهي مخدوم صاحب جا هٿ اکر سڃاتا ۽ تصديق ڪيائون ته اها فتويٰ مخدوم صاحب جي سندن هٿن مبارڪن سان لکيل آهي ۽ درست آهي. مخدوم صاحب جنهن حويلي ۾ بيمار هو. وفات به اتي ڪيائين ۽ ڪيس غسل جنازه به اتي ڏنو ويو. چون ٿا ته ان غسل واري هنڌ کان پنج ڇهه مهينا ڪن خوشبوءِ ايندي رهي.

مخدوم صاحب سن 1135 هجري مطابق 1723ع حرمين شريف جي زيارت تي ويا. جتي اتي جي مشهور عالمن حضرت شيخ عبدالقادر حنفي مڪي، شيخ عبد بن علي مصري ۽ شيخ ابوطاهر مدني جن وٽان علمي استفادو ڪري علم حديث ۾ سند حاصل ڪيائون. ڪين ديني

علوم ۾ وڏي دسترس هئي. هو وڏا فقيه وڏا مفسر وڏا محدث ۽ وڏا مبلغ مناظر ۽ مفتي هيا. مخدوم صاحب 1136 هجري ۾ سرزمين حجاز جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪان جيئن وطن واپس وريا ته سڌو سورت بندر پهتا ۽ حضرت سعد الله جن جي خدمت ۾ پهچي ڪانئن قادري سلسلي ۾ بيعت ورتائون. اتي هڪ سال پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ رهي خلافت حاصل ڪري ٺٽي واپس آيا. ان ڪان علاوه نقشبندي، سهروردي چشتي ۽ ٻين سلسلن ۾ شيخ عبدالقادر مڪي ڪان فيض پرايائون. مخدوم صاحب ظاهري علوم جي درس و تدريس سان گڏ باطني فيض جا چشما پڻ جاري ڪندا رهيا. جنهن سان ڪيترائي پليل پٽڪيل انسان نه رڳو علم جي روشني سان منور ٿي ويا، پر روحاني فيض حاصل ڪري خدا جي برگزيده بندن ۾ شمار ٿي ويا. سندن شاگردن جو حلقو به تمام وسيع آهي جن مان مخدوم عبدالرحمان، مخدوم عبداللطيف (ٻئي سندس فرزند) مخدوم ابوالحسن صغير، حضرت شاهه فقير الله شڪارپوري جا نالا قابل ذڪر آهن. ظاهري ۽ باطني علمن جو هي آفتاب 6 رجب خميس جي رات سن 1174هجري ۾ 70 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني جهان کي الوداع چئي جنت الفردوس روانو ٿيو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ.

"خدا رحمت کند این عاشقانِ پاک طینت را"

هن محبت ڀري ڪاوش "آبِ ڪوثر" ۾ منهنجي ڪوشش رهي آهي ته هر عربي شعر جو سنڌي ۽ سرائڪي زبانن اندر شاعري ۾ اهڙي طرح ترجمو ڪجي جيڪو عربي زبان جي لفظن مفهوم ۽ پيغام جي قريب ترين ترجماني ڪري سگهي. جيڪا علم عروض جي تقاضائن کي به پورو ڪري ۽ ٻولي آسان ۽ عام فهم هجڻ سان گڏ شعري رواني ۽ مناس به برقرار رهي. هي سڀ ذميواريون پوري طرح ادا ڪرڻ ڪافي مشڪل هجڻ جي باوجود محض الله تعاليٰ جي ڪرم نوازي ۽ حضور ﷺ جن جي فياضي سان آسان ٿي وڃن ٿيون. منهنجو ايمان آهي ته هر محبتي ثناگر ۽ ثناخوان سان نبي رحمت عالم ﷺ جن جي شفقت ۽ محبت جو اهو ساڳيو بي پناهه رشتو دائم قائم رهي ٿو. جيڪو حضرت حسان بن ثابت، حضرت ڪعب بن زهير رضي الله تعاليٰ عنهما ۽ امام بوصيري جهڙن ثنا خوانن سان رهيو آهي. هن منظوم ترجمي ڪان علاوه عربي زبان جي ڄاڻ نه رکندڙن جي آساني لاءِ هر شعر ۾ ذنل نون عربي

لفظن جي لفظي معنيٰ ڏيڻ بعد ان جو سليس ترجمو بہ ڪيو ويو آهي جيڪو عربي زبان ڄاڻندڙن لاءِ بہ مفيد ثابت ٿي سگهي ٿو. قصيدي کي عام فهم بنائڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ جيئن هر پڙهندڙ عشق رسول ﷺ جي هن موجزن بي ڪنار بحر مان پنهنجي پنهنجي استطاعت آهر سرشار ٿي ايمان عقيدت ۽محبت جا انمول موتي ميڙي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون حاصل ڪري سگهن. پنهنجي ٻاجهاري رب رحيم کان اها دعا آهي تہ شال منهنجي هن نماڻي ڪوشش کي پنهنجي بارگاهہ ايزدي ۾ قبوليت جو شرف عطا ڪري حضور ﷺ جن جي ثنا ڳرن جي صف ۾ شمار ڪري دنيا ۽ آخرت جي آفتن ۽ عذابن کان نجات جو ذريعو بڻائي. (آمين)

آخر ۾ مان سنڌ جي عظيم سپوت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڊاڪٽر عبدالرسول قادري ۽ حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري جن جو بہ نهايت ٿورائتو آهيان. جن هن ڪتاب تي نظر وجهي پنهنجي قيمتي راءِ ۽ رهبري سان نوازيو آهي. مان سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي مانواري انتظاميہ جو بہ دل جي گهراين سان شڪر گذار آهيان جن ”آب ڪوثر“ کي پنهنجي نامدار اداري پاران ڇاپرائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو. هن ڏس ۾ اداري جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين ميمڻ، سيڪريٽري تاج جويو ۽ فيض محمد سڪندري لکين لک مبارڪ باد جا مستحق آهن، جن سنڌي ادب ۽ زبان ۾ ”آب ڪوثر“ جو اضافو ڪري علم، ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت سان گڏ اجرداريں حاصل ڪيو آهي.

اَللّٰهُمَ زِدْ فزد درجاتهم فِيْ الدُنيَا وَالآخِرَة

محتاج دعا

**”مشتاق“ سڄاروي**

# قصيدن جو مختصر تعارف

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمه الله جي عربي قصيدن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪهڙي طرح حضور پرنور حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي عشق و محبت جي آگ سندس سيني اندر ڀڙڪا کائي رهي آهي ۽ ڪهڙي طرح هو روضي اطهر تي حاضري ڀرڻ لاءِ نهايت بيتاب ۽ بيچين نظر اچي ٿو. هن پنهنجي قصيدي ”اَغِثْنِي يَا رَسُولَ الله“ ۾ خدا جي رسول ﷺ جن کي يارسول الله يا حبيب الله يا شفيع المذنبين يا غياث المُستَغِيثَ جي لفظن سان پڪاريندي دانهيندي ۽ ليلائيندي اَغِثْنِي مُستَغِيثاً (فريادي جي مدد فرمايو) چئي نهايت عاجزانه ۽ مودبانه طريقي سان مدد جي درخواست ڪئي آهي ته منهنجي ساري عمر دنياوي عيش عشرت ۽ لذتن جي ڏٻڻ ۾ قاسي تباهه ٿي وئي آهي. منهنجي دل تي غفلت ۽ گمراهي اهڙا ته چار اٽيا آهن جو آءٌ حقيقت جي حصول بدران دل کي ڪوڙيون تسليون ڏئي تباهي جي رستي تي اهڙي دشمن جي اطاعت ۾ اڳتي وڌي رهيو آهيان، جيڪو اهو ٺٺو گهري ته مان سڌي رستي تي هلان. منهنجي گناهن جا بار ايترا ته ڳرا آهن جو انهن منهنجي چيلهه ڇٻي ڪري ڇڏي آهي ۽ مان هلاڪت واري کڏ جي ڪرنڌڙ ڪناري تي بيٺو آهيان. اوهان منهنجي مدد ڪرڻ فرمايو منهنجي دستگيري ڪريو ۽ مون کي تباهه ٿيڻ کان بچايو، اوهان الله جا پيارا نبي ۽ رسول آهيو اوهان کي خدا، محمد ﷺ جهڙي سهڻي ۽ پياري نالي سان پڪاريو آهي ۽ نهايت اعلىٰ مقام عطا ڪيو آهي. پورو قرآن اوهان جي شان ۾ رطب اللسان آهي. سورت الکوثر، سورت الفتح، سورت والضحيٰ، سورت والشمس، سورت اذاجاءنصرالله ۽ ٻين سورتن ۾ اوهان کي عزت و احترام جي لقبن ۽ بشارتن سان نوازيو ويو آهي. اوهان کي الله تعاليٰ پاران نهايت قربت ۽ رفعت وارو سڀ کان اعليٰ مقام عطا ٿيو آهي. اوهان جي پيش ڪيل دليلن ۽ حجتن جي نور سان ٻاٽ اونده اندر انڌن

کي بينائي ۽ بصارت نصيب ٿي آهي. اوهان جي نور مبارڪ سان جهانن کي روشني ملي. اوهان جي ڪري ئي ست آسمان ۽ ست جنتون بنايون ويون آهن. اوهان جي ڪري ئي هي ڪائنات وجود ۾ آئي آهي. اوهان جنهن طرف بہ تشريف فرما ٿيا تہ سخت گرمي ۾ بادل اوهان جي سرمبارڪ تي سايہ ڪندو رهيو. اوهان خدا جا خاص محبوب ۽ پيارا رسول آهيو، اوهان جي محبت ۾ منهنجي دل چري ٿي پئي آهي ۽ اکيون رت روئي روئي رت جا چشما بڻجي پيون آهن. هاڻي مهرباني فرمائي مونکي پنهنجي روضي پاڪ جي زيارت ڪرايو. پنهنجي پاڙي ۾ مونکي قبر جي جڳهہ نصيب فرمايو. اوهان تي الله تعاليٰ جون بي شمار رحمتون ۽ سلام هجن. اوهان تي اوهان جي آل پاڪ ۽ اصحاب سڳورن تي سلام هجن. حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني، حضرت علي شير خدا، حضرت امام حسن، حضرت امام حسين عليهم السلام تي بہ سلام ۽ سلامتي هجي، جيڪي اوهان جا صدق و صفا وارا ساٿي، دين جا معمار، هدايت جا روشن ستارا ۽ سهڻي صورت ۽ سيرت جا مالڪ هئا. آخر ۾ شاعر ڪم مائگي جو اقرار ڪندي چوي ٿو تہ ڪنهن بہ ثنا گر لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي جو اهو پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ثنا بيان ڪري سگهي. اگرچہ اهو ڪَمَاحَقَہٗ ثنا بيان نہ ڪري سگهڻ ملامت جوڳو عمل ضرور آهي، پر عاشق اها ملامت رڳو ان ڪري قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهن جو سندن خواهش آهي تہ سندن زبان تي ثناءِ مصطفيٰ جو ذڪر هميشہ هميشہ جاري رهي. مخدوم صاحب جي هن قصيدي ۽ ٻين قصيدن مان پياري نبي ڪريم ﷺ سان محبت ۽ عشق بابت سندس اعتقاد ۽ عقيدي جو اظهار بہ ٿئي ٿو تہ سندس عشق و محبت جو بي پايان بحر موجون هڻندو بہ نظر اچي ٿو، جيڪو سيني مسلمانن خاص طور سنڌ جي ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رهبري جو روشن مثال آهي تہ هو پنهنجن بزرگن جي عقيدي ۽ اعتقاد موجب سندن ڏسيل رستي تي هلي دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون حاصل ڪري سگهن.

مخدوم صاحب پنهنجي ٻئي قصيدي شريف يَاسَالِڪًا طُرُقَ اَلْمدِينَة طَيِّبَة-بَلِغْ تحيَاتِي اِلىٰ سَاڪِنِ اَلْحَرم (اي مديني پاڪ ويندڙ مسافر، محبوب مَدني ﷺ جن کي منهنجا سنيها ۽ سلام پهچائجان) ۾ مديني

پاڪ ويندڙ زيارتي سڳوري کي مخاطب ٿيندي عرض ڪري ٿو ته اي مديني پاڪ جي راهن جا مسافر پاڻ ڪريمن ﷺ تائين هن مسڪين عاشق جا سلام ۽ سنيها ضرور عرض رکجان. اي حاجي سڳورا تون نهايت خوش نصيب آهين جو توکي اهڙي مبارڪ سفر جي سعادت نصيب ٿي آهي جو جڏهن تون مديني پاڪ ۾ پنهنجا قدم رکندين ته فرشتا اَهۡلًا وَ سَهۡلًا وَ مَرحَبًا چئي تنهنجي ڀليڪار ڪندا. تون اهڙي امن ۽ سلامتي واري هنڌ تي پهچي ويو آهين، جيڪو پوري عالم لاءِ دارالامان يعني امن جي جاءِ آهي. اي خوش نصيب حاجي جڏهن تنهنجون اکڙيون روضيءَ رسول ﷺ کي ڏسن ته تون نهايت ادب ۽ احترام سان بيهي عاجزي ۽ انڪساري وارا سلام ۽ درود پيش ڪجانءِ، روضي پاڪ ۽ منبر جي درميان بيهي سلامن ۽ صلواتن جا تحفا عرض ڪجان ته اي هدايت جي راهه ڏيکاريندڙ، اي عالمين جي جاءِ پناهه، اي حڪمت ڏاهپ، فصاحت بلاغت، عدل ۽انصاف جا سرچشما، اي انسان ذات لاءِ باعث فخر، اي آب زم زم جي رونق، اي شفاعت جي جهنڊي جا علمبردار اوهان تي بي شمار صلواتون ۽ سلام. ان بعد شاعر صبح جي ٿڌڙي هير باد- صبا يا نسيم السحر کي مخاطب ٿيندي عرض گذار آهي ته اي خوش بخت، خوش نصيب هوا جڏهن توکي روضي پاڪ جي زيارت نصيب ٿئي ته منهنجا سلام ۽ سنيها تاجدار مدينه ﷺ تائين ضرور پهچائجان ۽ کيس عرض ڪجان ته اوهان جو گنهگار ٻانهڙو (هاشم) گناهن جي اونداهي سمنڊ ۾ غرق ٿي چڪو آهي. اوهان جي مدد لاءِ ٻاڏائي ۽ دانهون ڪري رهيو آهي. هن جا گناهه وڏن جبلن جي بلند بالا چوٽين کان به بلند ٿي ويا آهن. ان جو ساهه اوهان جي سڪ سان سلهاڙيل ۽ دل اوهان جي محبت ۾ موجزن آهي. هن جون اکيون رت جا ڳوڙها هاري رهيون آهن. هن جو جگر اوهان جي عشق ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آهي. هن جا گناهه ايترا ته گهڻا ٿي ويا آهن جو اهي اوهان جي ديدار واري راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن. هو انهن گناهن جو بار کڻڻ کان عاجز آهي ان ڪري هميشه شرمساري ۽ اشڪباري ۾ مبتلا آهي. کيس اوهان جي ڪرم ۽ رحم واري عفو ۽ بخشش ۾ وڏي اميد آهي، پر سندس نفس جي پليتي سندس پشيماني ۽ شرمساري جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي. مخدوم صاحب هت پنهنجي ڪسرنفسي، عجز ۽ انڪساري جو اظهار ڪندي

چوي ٿو ته... ڪيس اها به خبر آهي ته ماڻهو پنهنجن مسجدن (پاڪ جاين) تي ڪتن کي اچڻ نه ڏيندا آهن ته پوءِ گناهن جي پليتي ۾ گرفتار مون نجس ۽ ناپاڪ کي اوهان جي حرم پاڪ ۾ اچڻ جي اجازت ڪيئن ملي سگهندي. مگر اي الله جا رسول ﷺ اوهان جي ذات پاڪ ۾ رحمت ۽ بخشش جا خزانا موجود آهن. مون ڏانهن رحمت ۽ بخشش جي نظر فرمايو. مونکي منهنجي الله کان منهنجي گناهن ۽ ڏوهن کان معافي ۽ خلاصي وٺي ڏياريو. اوهان ئي منهنجو وسيلو ۽ واهرو آهيو، اوهان رحمت ۽ بخشش جا اهڙا ڪڪر آهيو جيڪو هميشه پوري عالم تي وڏ ڦڙي مينهن وانگر وسندو رهي ٿو. اي سهڻي مبارڪ مکڙي وارا پنهنجي پيشاني پاڪ تان ذرا نقاب هٽايو ۽ پنهنجي بي تاب عاشق هاشم کي زيارت جو شرف بخشو ته اچي اوهان جي روضي پاڪ جي مٽي مبارڪ کي چمي ۽ منهن تي ملي. اوهان ئي منهنجي جان جي جان ۽ زندگي جي زندگي آهيو. اوهان ئي اکين جا نار ۽ هر بيمار جي بيماري جي دوا آهيو. اوهان تي ان خدا وند ڪريم جون هزارين هزار صلواتون ۽ سلام هميشه هميشه هجن جنهن جي ذات حيّ قيوم ۽ دائم قائم آهي.

**غلام حسين "مشتاق" سچاروي**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

(1)

اَغِثۡنِيۡ يَارَسُوۡلَ اللّٰهِ حَانَتۡ نِدَامَتِيۡ
اَغِثۡنِيۡ يَاحَبِيۡبَ اللّٰهِ قَامَتۡ قِيَامَتِيۡ

يا رسول الله رس آهي ندامت جي گهڙي،
يا رسول الله رس منهنجي قيامت ٿي ڪڙي.

يا رسول الله رس هي شرمساري دي گهڙي،
يا رسول الله رس ميڏي قيامت ٿي ڪڙي.

**لفظي معنيٰ**:- **اَغِث**:- فعل امر **غاث غوۡثُ اَغاثَ اَلۡاَغَاثَةُ** مصدر ڪان مدد ڪريو مدد ڪرڻ فرمايو، **نِيِّ**:- منهنجي، **حَانَت**:- وقت قريب ٿيو، گهڙي ويجهي اچي وئي فعل ماضي واحد مؤنث غائب، **نِدَامَتِي**:- منهنجي ندامت، پشيماني، شرمساري، **قَامَتۡ**:- قائم ٿي، ڪڙي ٿي فعل ماضي واحد مؤنث غائب.

**ترجمو**:- يا رسول الله ﷺ منهنجي مدد ڪرڻ فرمايو، منهنجي پشيماني جو وقت پرجي آيو آهي. اي خدا جا حبيب ﷺ منهنجي مدد ڪرڻ فرمايو جو منهنجي قيامت قائم ٿي چڪي آهي.

(2)

اَغِثۡنِيۡ يَاشَفِيۡعَ الۡمُذۡنِبِيۡنَ جَمِيۡعِهِمۡ
تَفَرَّقۡتُ فِيۡ دَامَاءٍ كَثۡرَةِ شَامَتِيۡ

اي شَفيعَ اَلمذ نبيَن سپ جا، مدد منهنجي ڪيو،
ڪثرَتِ شامت جي آهيان بحر ۾ برباد ٿيو.

ڪر مدد ميڏي شفيع المذ نبين ڪُل خلق دا،
غرق شامت دي گهڻائي دي سمنڊ اندر ٿيا.

**لفظي معنيٰ:-** **شَفِيۡعُ:** شفاعت ڪندڙ سفارش ڪندڙ، **اَلْمُذْنِبِيۡن:** گناه ڪندڙ، گنهگار جمع آهي المذۡنِب جو، اسم فاعل، **جَمِيۡعُ:** سمورا، سڀ، **هُمۡ:** اهُي جمع آهي هُو واحد جو، **تَفَرَّقتُ:** مان هلاڪ ٿيس، برباد ٿيس، غرق ٿي ويس، **فِيۡ:-** ۾، اندر، **دَامَاءُ:-** بحر، سمنڊ **كَثۡرَةُ:-** گهڻائي، ڪثرت، **شَامَتِي:** منهنجي شامت، مصيبت.

**ترجمو:-** اي سيني گنهگارن جي شفاعت ڪندڙ (نبي ﷺ) منهنجي مدد ڪرڻ فرمايو جو مان پنهنجي گهڻين شامتن واري سمنڊ ۾ (ٻڏي) برباد ٿي ويو آهيان.

(3)

اَغِثۡنِيۡ مُسۡتَغِيۡثًا مُذۡنِبًا مُتَذَلِّلًا
ضَعِيۡفًا نَحِيۡفًا مِّنۡ وُّفُوۡرِ وَخَامَتِيۡ

ڪر مدد دانهين سندي، عاصي ذليل آهي ضعيف،
پنهنجي بدحالي جي ڪثرت جي ڪري ڏاڍو نحيف.

ڪر مدد دانهين دي هي جيڪو ذليل عاصي ضعيف،
آپڻي بدحالي دي ڪثرت ڪِتا ڏاڍا نحيف.

**لفظي معنيٰ:-** **مُسۡتَغِيۡثاً:-** پڪاريندڙ، دانهين، فريادي اسم فاعل **اِسۡتَغَاثَ** کان. **مُذۡنِباً:** گنهگار ڏوهي، خاطي. **مُتَذِلِلاً:** ذليل، خوار اسم فاعل **تَذَلُلُ** کان، جنهن جي معنيٰ ذلت آهي. **ضَعِيۡفاً:** ضعيف ڏٻرو ڪمزور، **نِحيۡفُ:** هيڻو، ڏٻرو بي حال، **مِنَ:** کان، **وُفُورِ:** گهڻو، وافر هئڻ **وَخامَةُ:** بي حالي، بدحالي.

**ترجمو**: (اي نبي محترم ﷺ) مون پڪاريندڙ (دانهين، فريادي) گنهگار ذليل ضعيف ڏٻري ۽ پنهنجي بدحاليءَ جي ڪثرت ۾ نهوڙيل جي مدد ڪرڻ فرمايو.

(4)

فَطَالَ الْعُمْرُ قَدْ ضَيَّعْتُ فِي طَرَبٍ
وَفَرْطِ عَيْشٍ وَاِحْتِسَاءِ هَدَامَتِيْ

هيڏي ساري عمر ضايع لذتن ۾ مون ڪئي،
عيش عشرت جي تباهيءَ جي ڏٻڻ اندر رهي.

ايڏي ساري عمر ضايع لذتان وچ تي ڳئي،
عيش عشرت دي ڏٻڻ ميڏي تباهي هي ڪِتي.

**لفظي معنيٰ**:- **طَالَ** ڏگهو ٿيو طول ڏگهو ٿيڻ کان فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **قَدْ**: تحقيق، بيشڪ، **ضَيَّعْتُ**: مون ضايع ڪئي، وڃائي ڇڏي، فعل ماضي واحد متڪلم، **طَرَبُ**: لذت، خوشي، **فَرْط**: بي حد گهڻي، **اِحْتِسَاءُ**: ڏٻڻ، دلدل، **هَدَامَتُ**: هلاڪت، تباهي، بربادي.

**ترجمو**:- هيڏي ساري ڏگهي (وڏي) عمر مون لذتن عيش عشرت ۽ تباهي جي ڏٻڻ ۾ وڃائي، ضايع ڪري ڇڏي.

(5)

حَيَاتِيْ قَدْ طَارَتْ بِهَا عُنْقَاءِ مَقْرَبٍ
فَيَا اَسَفِيْ عَلٰى مَنْ قَالَ حَالَ الْاِقَامَةِ

ويو اڏائي عنقا راهي رات وارو زندگي،
هاءِ ان جي حال تي جنهن ڳالهه ترسڻ وقت ڪئي.

رات والا عنقا سيلاني اُڏا ڳيا زندگي،
هاءِ اُنهن تي جِنهن خبر اهڙي رهڻ ويلي ڪِتي.

**لفظي معنيٰ:** **حَيَاتِي:** منهنجي حياتي، منهنجي زندگي، **طَارت بِهَا:** ان کي اڏائي ويو، **طَارَت:** اڏائي ويو فعل ماضي واحد مُونث غائب **مَقرَبُ:** رات جو سير ڪندڙ، گهمندڙ رات جو راهي. يا **اَسَفِيٰ:** هاءِ افسوس، **مَنْ:** ان ماڻهو، **عَلَيٰ:** تي، **قَالَ:** چيائين فعل ماضي مذکر واحد غائب، **حَالَ الاقامة:** رهڻ جي وقت، ترسڻ واري حال ۾.

**ترجمو:-** پوءِ افسوس ان ماڻهو (جي حال) تي جنهن رهڻ واري وقت چيو تہ منهنجي زندگي کي رات جو سير ڪندڙ عنقا پکي اڏائي ويو.

(6)

عَنَاكِبُ نِسْيَانٍ نَسَجْنَ عَلَى قَلْبِي
لِذَالِكَ تَأْسُ النَّفْسِ كَانَ عَلَامَتِي

منهنجي دل تي آ اُڏيل ويسر جي ڪوريئڙن جو جار،
ان ڪري ئي نفس جي آهي تسلي آشڪار.

قلب ميڏي تي اُڏيل ويسر دي ڪوريئڙين دا جار،
تنهن ڪري ئي نفس دي دوکي دلاسي آ شڪار.

**لفظي معنيٰ:-** **عَنَاكِبُ:** ڪوريئڙا جمع آهي عنڪب عنڪبوت جو. **نِسْيَان:-** ويسر، **نَسَجْنَ:** اُڏيائون فعل ماضي جمع مؤنث غائب، **لِذالک:** اهو ئي سبب آهي ان ڪري ئي، **تَاسُ:-** **تَاسِيَة:** دلاسا ڏيڻ تسلي ڏيڻ **كَانَ:-** آهي، **عَلَامَتِي:** منهنجي نشاني، منهنجي علامت.

**ترجمو:-** ويسر جي ڪوريئڙن منهنجي دل تي (غفلت جا) جار بڌي (اُڏي) ڇڏيا آهن. ان ڪري ئي نفس جا (ڪوڙا) دلاسا ۽ تسليون منهنجي علامت بڻجي ويا آهن.

(7)

مَرَرْتُ بِمُعْوَجِّ الطَّرِيقِ غَوَايَةً
أَطَعْتُ عَدُوًّا لَا يُرِيدُ اسْتِقَامَتِي

اڻ سڌي رستي تي گمراهي سبب آهيان هليو،
پنهنجي ئي بدخواه دشمن جي پنيان آهيان لڳو.

اڻ سڌي رستي تي گمراهي سبب هلدا رهيس،
آپڻي بدخواه دشمن دي اطاعت وچ ٿيس.

**لفظي معنيٰ:- مَرَرتُ**: مان گذريس. مان هليس فعل ماضي واحد متڪلم، **مُعَوَج**: اڻ سڌو، ٽيڙو، ڏنگو، ڦِڏو، **الطريق**: رستو، واٽ. **غواية**: گمراهي، **اَطَعتُ**: مون اطاعت ڪئي، تابعداري ڪئي، چوڻ مڃيو، فعل ماضي واحد متڪلم، **عَدُوّاً**: دشمن، **لاَيُرِيدُ**:- ارادو نٿو ڪري، نٿو گهري، فعل مضارع واحد مذڪر غائب، **اِستِقَامَتِي**: منهنجي استقامت، منهنجو سڌو هلڻ: منهنجو سنئين رستي تي هلڻ.

**ترجمو**: گمراهي سبب مان غلط (ڏنگي ڦڏي) رستي تي هليو آهيان. اهڙي دشمن جي پيروي ڪئي اٿم جيڪو مونکي سڌي راه تي هلڻ نٿو گهري.

(8)

تَوَطَّنتُ مُومَاتِ المَهَالِكِ اِنَّمَا
سِوىٰ جَنَابِكَ يَا فَيَّاضُ لَيسَت عَصَامَتِيْ

مون هلاڪت جي بيابانن کي ٺاهيو آ وطن،
تو سوا ناهي ڪٿي فياض منهنجي لئہ امن.

مين هلاڪت دي بياباناں کوں ٺاهيا هي وطن،
تين سوا فياض ڪنهن هنڌ تي نهين ميڏا امن.

**لفظي معنيٰ:- تَوَطَّنتُ**: مون وطن ٺاهيو فعل ماضي واحد متڪلم، **مُومَاتِ**: بيابان، **المهالِک**: هلاڪ ڪندڙ، تباه ڪندڙ، **سِوىٰ جَنَابِک**: جناب اوهان کان سواءِ، **لَيسَتْ**: ناهي فعل ماضي واحد غائب، **عَصَامَة**: پناه، امن جي جڳهه.

ترجمو: هلاڪت ۽ تباهي وارن بيابانن ڪي مون پنهنجو وطن ٺاهيو، هاڻي اي فيض جا دريا (فيّاض) توکانسواءِ مون لاءِ ڪا بہ پناهہ ۽ امن جي جڳهہ ناهي.

(9)

اَغِثْنِیْ یَاغِیَاثَ الْمُسْتَغِیْثِ فَاِنَّنِیْ
لِکَثْرَۃِ اَوْزَارِیْ تَکَسِّرُ قَامَتِیْ

سڻ سگهو فرياد فريادي جو اي فرياد رس،
ڪثرتِ عصيان ڇِڀي ڪئي چيلهہ منهنجي آه بس.

ڪر مدد فرياد رس فريادي پيا سڏڙي ڪري،
ٿي ڇِڀي پئي چيلهہ ڏوهان دي گهٽائي دي ڪري.

**لفظي معني:** **غياث:** فريارس، مددگار، **المستغيث:** پڪاريندڙ، فرياد ڪندڙ، فريادي، **اوزاري:** منهنجا گناهہ واحد وِزرُ آهي، **تڪسِرُ:** ٽٽي پئي، ڀڄي پئي، فعل مضارع واحد غائب، **قامتي:** منهنجو بيهڻ، قد بت چيلهہ.

ترجمو: اي پڪاريندڙ (مدد گهرندڙ) جا مدد ڪندڙ، منهنجي مدد ڪرڻ فرمايو، جو مُنهنجن گهڻن گناهن (جي ڳوري بار) جي سبب منهنجي چيلهہ ڇِڀي ٿي پئي آهي (چيلهہ ڀڄي پئي آهي).

(10)

فَخُذْ بِیَدِیْ یَاشَفِیْعَ الْخَلْقِ اِنَّنِیْ عَلٰی
شَفَاجُرُفٍ هَارٍ رَئَیْتُ مَقَامَتِیْ

دستگيري منهنجي ڪريو خلق جا شافع مدام،
ٿو ڏسان پنهنجو تباهي جي ڪناري تي مقام.

دستگيري، خلق دي شافع، ڪرو ميڏي مدام،
آپڻا ڏهدا تباهي دي ڪناري تي مقام.

**لفظي معنيٰ:** **خُذْ**: وٺ، پڪڙ، جهل، فعل امر واحد مذڪر، **بِيَدِي**: منهنجي هٿ کي يعني منهنجو هٿ پڪڙ، منهنجي مدد ڪر، **شفا**: ڪنارو، ڪنڌي، ڪپر، **جُرُف**: اهڙو ڪنارو جنهن کي هيٺيان درياءَ پائي وجي ۽ ڪرڻ وارو هجي، **هار**: ڪرندڙ، ڊهندڙ، **رَئَيْتُ**: مون ڏٺو، فعل ماضي واحد متڪلم، **مَقَامَتِي**: پنهنجو مقام.

**ترجمو:** اي خلق جي شفاعت ڪندڙ منهنجو هٿ جهليو (منهنجي دستگيري ڪريو) جو مان ڊهندڙ کڏ (جهنم) جي ڪرندڙ ڪناري تي (بيٺل) آهيان.

(11).

فَاَنْتَ الَّذِي سَمَّاكَ رَبِّي مُحَمَّدًا
وَاَعْطَاكَ غُفْرَانًا وَّدَارَ الْمُقَامَةِ

منهنجي رب تو کي سڏيو آهي محمد مصطفيٰ،
۽ ڪيو بخشش سميت اعلي مقام آهي عطا.

تون سگوري ذات جنهن دا نان محمد رب رکيا،
تيڪون بخشش نال اعليٰ مرتبا موليٰ ڏتا.

**لفظي معنيٰ:** **اَنتَ**: تون، **اَلَّذِي**: اهو، سو، **سَمَّاكَ**: تو کي سڏيو، تُنهنجو نانءُ رکيو، فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **اَعْطَاكَ**: تو کي عطا ڪيو، تو کي ڏنو. فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **غُفْرَانًا**: بخشش، **دَارُالْمُقَامة**: مقام محمود، جنت جو بهترين مقام.

**ترجمو:** جو تہ تون اها هستي آهين، جنهن کي منهنجي رب محمد (سارا هيل) صلي الله عليہ وسلم جي (مني) نالي سان سڏيو آهي ۽ تو کي بخشش (شفاعت جو اذن) ۽ مقام محمود (جو اعلي مقام) عطا ڪيو آهي.

(12)

وَاُعْطِيتَ كَوْثَرًا وَّالشَّمْسُ وَالضُّحٰى
وَفَتْحًا مُّبِيْنًا وَّنَصْرًا وَّنُوْرَ كَرَامَةٍ

وَالضحي وَالشمس الكوثر عطا ٿيا باليقين،
عظمتن جو نور، نصرت ايزدي، فتح مبين.

وَالضحيٰ وَالشمس الكوثر عطا ٿيا باليقين،
عظمتان دا نور، نصرت ايزدي، فتح مبين.

**لفظي معني**: **أُعْطِيْتَ**: تو کي عطا ڪيو ويو، فعل ماضي مجهول، واحد مذڪر مخاطب، **ڪوثر**: خير ڪثير (انا اعطيناک اَلْڪَوثَر)، **وَالشَّمْسُ**: سورت والشمس، **والضحيٰ**: سورة والضحيٰ، **الفتح**: سورة اِنا فَتَحْنَا، **نَصَرَ**: مدد نصرت (سورة اذا جاءِ نصرالله)، **نُورُ ڪَرَامَۃ**: عظمت ۽ بزرگي جو نور (قدجاءَ ڪم من الله نور).

ترجمو: اوهان کي الله تعاليٰ اهي مقام ۽ مرتبا عطا ڪيا آهن، جن جي شاهدي قرآن سورت الڪوثر، سورت الشمس، سورت والضحي، سورت الفتح ۽ سورت اذا جاءَ نصرالله ۾ ڏني آهي ۽ اوهان کي (قد جاءَ ڪم مِن الله نور) چئي وڏي عظمت وارو نور عطا ڪيو آهي.

(13)

وَاَنْتَ الَّذِىْ اُوْلِيْتَ قُرْبًا وَّرِفْعَةً
وَنِلْتَ مَنَالًا فَوْقَ كُلِّ مَكَانَةٍ

تو کي قربت ۽ بلندي جو اتم درجو مليو،
هر مقام کان مرتبو اعلي اوهان حاصل ڪيو.

تيڪون قربت تي بلندي دا اتم درجا مليا،
هر مقام تون مرتبا اعلي تُسان حاصل ڪتا.

**لفظي معنيٰ**: **أوْلِيْتَ**: تو کي ڏنو ويو، تون والي مقرر ڪيو وئين، فعل ماضي مجهول واحد مذڪر مخاطب، **قرباً**: قرب، ويجهڙائي، **رفعَت**: اعلي مقام بلند درجا وڏو شان مان، **نِلتَ**: تو حاصل ڪيو، تو کي عطا ٿيو، فعل ماضي معلوم واحد مذڪر مخاطب، **مَنالاً**: ذات، عطا، مٿانهون مقام، **فوق**: مٿي، وڏو، **ڪُل مَڪَانَۃ**: هر مقام کان، سيني مقامن کان.

ترجمو: تون اها هستي آهين، جنهن کي قرب، اعلي مقام ۽ درجات جي بلندي عطا ڪئي وئي آهي ۽ اوهان کي هر مقام کان مٿانهون مقام ۽ مرتبو ڏنو ويو آهي.

(14)

أَتَيْتَ بِبُرْهَانٍ وَحُجَّةٍ سَاطِعَةٍ
تَبَصَّرُ عُمْيًا فِي سَحَامِ ظَلَامَةٍ

صاف حجت ۽ دليلن سان ائين آئين حبيب،
ٻاڙ اوندهہ ۾ بہ انڌن کي ڏسڻ تي ويو نصيب.

صاف حجت تي دليلان نال آيا هي حبيب،
ٻاڙ اوندهہ وچ پيي انڌي کون تيا ڏيکڻ نصيب.

**لفظي معنيٰ:** **أَتَيْتَ**: تون آئين فعل ماضي معلوم واحد مذڪر مخاطب، **بُرْهَان**: دليل، **حُجَّةٍ سَاطِعَةٍ**: چٽي حجت، صاف روشني يا حجت، **تَبَصَّرُ**: نظر اچي ٿي، ڏسجي ٿي، فعل مضارع واحد مؤنث غائب، **عُمْيًا**: انڌو نابينا، **سَحَامِ**: ٻاڙ اونداهي، **ظَلَامَةٍ**: اونداهي.

ترجمو: تون اهڙا تہ چٽا دليل ۽ روشن حُجت پاڻ سان کڻي آئين، جن ٻاڙ اوندهہ انڌوڪار ۾ انڌي کي ڏسڻ جي قوت ۽ بينائي بخشي ڇڏي.

(15)

أَضَاءَ بِكَ الْأَكْوَانُ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ
فَيَا نُورَ اللهِ نَوِّرْ سَحَامَتِي

هر طرف کان تي ويا تنهنجي ڪري روشن جهان،
ڪر منور منهنجا، اي نورِ خدا، ڪارا نشان.

هر طرف تيڏي ڪري روشن ٿئي ساري جهان،
اي خدا دي نور روشن ميڏي ڪر ڪالي نشان.

**لفظي معني**: **اَضَاءَ بِکَ**: تو سان روشن ٿيو، **اَضَاءَ**: فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **اَکوَانُ**: جهان، واحد آهي ڪونٌ، **مِن**: کان، **کُلِّ جَانِبٍ**: هر طرف، **نَوِّرْ**: تون روشن ڪر، فعل امر واحد مذڪر، **سَحَامَة**: ڪاراڻ اونداهي ڪارا دبا داغ.

**ترجمو**: اوهان جي (نورجي) ڪري هر طرف جهان روشن ٿي ويا. اي الله جا نور منهنجي (ڪٽ چڙهيل) ڪاراڻ کي به روشن ڪرڻ فرمايو.

(16)

تَزَيَّنَتِ الْاَقْطَارُ مِنْ حُسْنِ وَجْهِهٖ
تَشَعْشَعَتْ مِنْهُ اَنْوَارُ الْاِمَامَةِ

جنهن جي سهڻي چهري مان رونق جهانن کي ملي،
نور واري پيشوائي جنهن منجهان پکڙي وئي.

حسن جنهن دي چهري دي، رونق جهانان کون ڏتي،
پيشوائي دي تجلي جنهن ڪٽون جرڪڻ لڳي.

**لفظي معني**: **تَزَيَّنَتْ**: زينت ورتي، رونق حاصل ڪئي، فعل ماضي واحد مونث غائب، **اَقْطَارْ**: اطراف، هر طرف، جهان، ملڪ، واحد آهي قطر، **وَجْهِه**: هن جو چهرو، منهن مبارڪ، **تشعشعت**: روشني پکڙي، روشن ٿيا، چمڪي پيا، فعل ماضي واحد مؤنث غائب، **اِمَامَة**: بزرگي، پيشوائي، اڳواڻي.

**ترجمو**: تون اها ذات مبارڪ آهين، جنهن جي سهڻي منهن مبارڪ منجهان دنيا جهان کي هر طرف رونق ملي وئي. جنهن مان پيشوائي (امامت اڳواڻي بزرگي) جا چمڪات ۽ انوار جرڪڻ لڳا.

(17)

تَهَيَّجَتِ الْاَشْوَاقُ نَحْوَ مُحَمَّدٍ
هُوَ الَّذِیْ حَازَ اَقْسَامَ الْقَسَامَةِ

آيا اڏما عشق والفت ۾ محمد کي ڏسي،
سونهن جي سڀ خوبين سان آهي سينگاريل نبي.

عشق والفت ڪاڏي اڏمي مصطفيٰ محبوب پر،
سونهن واليان خوبيان ساريان سمايل جنهن اندر.

**لفظي معني: تَهَيَّجَتْ**: پڙڪي پيا، اڏما ڪاڏا، جوش وهيجان ۾ آيا. فعل ماضي واحد مؤنث غائب، **اشواق**: واحد آهي شوق، سخت خواهش، عشق و محبت، **نَحْوَ**: طرف ڏانهن، **هوَالذِي**: هي اها ذات گرامي آهي، **حَازَ**: حاصل ڪيو، گڏ ڪيو، جمع ڪيو. فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **اَقْسَامَ**: واحد آهي قِسم، نمونا، اقسام، **القسامة**: سونهن سوڀيا حسن خوبصورتي.

**ترجمو**: محمد مصطفي صلي الله عليہ وسلم جن ڏانهن شوق (عشق و محبت) جا جذبا پڙڪي پيا (اڏما ڪاٺ لڳا) هي اها ذات گرامي آهي، جيڪا سونهن سوڀيا جي سمورين خوبين (نمونن) سان سينگاريل آهي.

(18)

فَيَا مُصْطَفَى الْكَوْنَيْنِ يَا خَيْرَ مُرْسَلٍ
لَعَمْرُكَ لَا اَدْرِىْ سِوَاكَ زَعَامَتِىْ

دو جهان ۾ برگزيده مصطفيٰ خيرُ الرّسل،
عمر تُنهنجي جو قسم اڳواڻ ناهي تو مثل.

برگزيده ڏون جهانان وچ نبي خير الرسل،
هي قسم تيڏا نہ سمجهان پيشوا تيڏي مثل.

**لفظي معنيٰ: الكونين**: ٻئي جهان، **خير مرسل**: رسولن ۾ ڀلارا، **لعمرک**: تنهنجي عمر جو قسم، تنهنجي ذات پاڪ جو قسم، **لاادري**: نٿو سمجهان، نٿو ڄاڻان، فعل مضارع واحد متڪلم، **سواک**: تو کان سواءِ، **زعامَتِي**: پنهنجو سردار پنهنجو اڳواڻ، پنهنجو پيشوا.

ترجمو: اي ٻنهي جهانن جا برگزيده، رسولن جا پلارا اوهان جي عمر مبارڪ جو قسم آهي ته اوهان ڪانسواءِ مان پنهنجو ڪو ٻه (ٻيو) پيشوا يا اڳواڻ نٿو ڄاڻان.

(19)

فَلَوْلَاكَ مَا خُلِقَتْ سَبْعَ الطِّبَاقِ وَلَا
سَبْعَ الْجِنَانِ وَلَا نَاحَتْ حَمَامَتِي

تنهنجي خاطر خلقيا ست جنتون ست آسمان،
ورنه ٻڌجي ها نه هت ڳيري سندي آه وفغان.

پيدا تيڏي لئي ٿئي ست جنتان ست آسمان،
ورنه ڳيري دي سڻي ها ڪو نه اٿ آه وفغان.

**لفظي معنيٰ: فلولاڪ**: جيڪڏهن اوهان نه هجو ها، **مَاخلقت**: نه پيدا ڪيا وڃن ها، فعل ماضي مجهول واحد مؤنث غائب، **سَبع**: ست، **الطباق**: طبقا، زمين آسمان جا ست طبقا، **الجنانُ**: جنت جو جمع جنتون، بهشت، **لانَاحَت**: نه تنواري ها، نه ٻولي ها، نوحا نه ڪري ها، فعل ماضي منفي واحد مؤنث غائب، **حَمَامَة**: ڪبوتر.

**ترجمو**: اي پيارا نبي صلي الله عليه وسلم جيڪڏهن اوهان نه هجو ها ته نه ست آسمان پيدا ٿين ها، نه وري ست جنتون ٺئي هجن ها ۽ نه وري ڪبوتر جي ڪوڪ هجي ها.

(20)

بَخٍ لَكَ الْخَيْرُ يَا طِيبَ طَيِّبَةٍ
تَطَيَّبَ مَنْ تَهْوَىٰ بِطِيبِ شَمَامَهٖ

ٻهڪندڙ خوشبو وارا خير جون واڌائيون،
واس خوشبوءِ جي وڻندڙ ڪي سدا سرهائيون.

خير هو تيڏي سدا، پاڪيزه خوشبو دي ڏتي،
تيڏي جنهن خوشبوءِ گهري، خوشبو ملي تنهن ڪون گهڻي.

**لفظي معني**: **بَخٍ**: واهه واهه. خوش ٿي تعريف ڪرڻ وقت استعمال ٿيندو آهي، **الخير**: خير، ڀلايون، **طِيبٍ**: خوشبوءِ سرهاڻ، **طَيِّبَة**: پاڪيزه بابرڪت، **تَطَيَّبَ**: مهڪي ويو، خوشبوءِ ۾ ڀرجي ويو، فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **مَن**: جيڪو به ماڻهو، جنهن ماڻهو به، **تَهوىٰ**: ارادو ڪري ٿو، سڌ ڪري ٿو، **شَمَامة**: خوشبوءِ، سرهاڻ.

**ترجمو**: واهه واهه! سبحان الله! اوهان جي ڀهڪندڙ پاڪيزه خوشبودار ذات مبارڪ جو خير هجي. جيڪو ماڻهو به واس (خوشبوءِ) وٺڻ جي ارادي سان اوهان وٽ آيو، سو اوهان جي سرهاڻ سان مهڪجي ويو.

(21)

وَتَوَّجْتَ يَا فَخْرِيْ بِتِيْجَانِ قُرْبَةٍ
تَقِيْكَ هَاجِرَةً ظِلَّةُ غَمَامَةِ

قربتن جو تاج تو تي صاحبِ فخر و شرف،
بادلن جي سائي، ڏپ کان ڪئي حفاظت هر طرف.

تاج قربت دا ڊکيا تين، صاحب فخر و شرف،
ڏپ ڪٹون بادل دا سايا، ٿيا نگهبان هر طرف.

**لفظي معنيٰ**: **تَوجتَ**: تو تاج پاتو، فعل ماضي معلوم واحد مذڪر مخاطب، **فخرِي**: اي منهنجا فخر، **تيجَان**: تاج، ڇٽ، **قربة**: قرب ڀريا، قربت ۽ پيار وارا، **تَقِيكَ**: تنهنجي حفاظت ڪري ٿو. فعل مضارع، واحد مؤنث غائب، **هَاجِرَة**: منجهند، ڏرتتي، سخت گرمي، **ظلة**: سايو، ڇاڇو، **غمَامَة**: بادل، ڪڪر.

**ترجمو**: اي منهنجا صاحبِ فخر، عربي ڄام، صلي الله عليه وسلم! اوهان (الله تعاليٰ جا) قربن ڀريا تاج پاتا. تاڪ منجهند جي وقت (سخت گرميءَ ۾) ڪڪر جي ڇاڇي ۾ اوهان جي حفاظت ٿئي ٿي.

(22)

جَبِيْنُكَ مِصْبَاحُ كَوَاكِبِ زِيْنَةٍ
لَآلٌ تَلَأْلَأْ عِنْدَ بَسَامَةٍ

روشني پرنور چهري کان ستارن کي ملي،
مرڪ ۾ ظاهر تجلي تي ٿئي موتين سندي.

تيڏي روشن چهري تون پاون ستاري روشني،
تيڏي مرڪڻ وقت گويا هي چمڪ موتي سندي.

**لفظي معنيٰ:** **جَبِينک:** اوهان جي پيشاني مبارڪ، **مِصبَاحُ:** روشني، ڏيو، **كواكِبُ:** ڪوڪب جو جمع آهي، ستارا تارا، **زِينَة:** سينگار، سونهن سوپيا، **لآلُ:** موتي، **تَلاَءلاَءَ:** چمڪي ٿو، فعل مضارع واحد مؤنث غائب، **عِند:** وقت **بَسَامَة:** مرڪ تبسُمَ.

**ترجمو:** اوهان جي پيشاني مبارڪ زينت پرئي (رونق وارن) ستارن جي روشني آهي. اوهان جي مرڪڻ وقت موتي ڪرڻ ٿا (چمڪن ٿا).

(23)

مَحَبَّتُكَ يَا مَحْبُوْبُ قَدْ شَغَفَتْ قَلْبِيْ
فَيَا لَيْتَ قَبْرِيْ فِيْ جِوَارِ تِهَامَه

دل چري محبوب تنهنجي ئي محبت ۾ رهي،
ڪاش منهنجي قبر پي پاڙي تهامي جي ٿئي.

دل چري محبوب تيڏي عشق والفت وچ رهي،
ڪاش ميڏي قبر پي پاڙي تهامي دي نهي.

**لفظي معنيٰ:** **قَد شَغفتِ:** بيشڪ فريفته ڪيو، يقيناً چريو ڪيو. فعل ماضي واحد مؤنث غائب، **قَلْبِي:** منهنجي دل کي، **يَاليتَ:** هاءِ جيڪر، **جَوارُ:** پاڙي، **تِهَام:** مڪ معظمہ يا حجاز جا ڏاڪڻا حصا. تهامي مان مراد نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات مبارڪ آهي.

**ترجمو:-** اي پيارا محبوب اوهان جي محبت منهنجي من کي موهي وڌو آهي. هاءِ جيڪر منهنجي قبر تهامي (نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن) جي پاڙي ۾ ٿئي.

(24)

فَيَا فِرَاقَ رَسُوْلِ اللّٰهِ فَارِقْنِيْ
اِنَّ الْعُيُوْنَ عُيُوْنٌ مِّنْ مَدَامِعِ دَامَةٍ

اي جدائي مصطفيٰ جي، ڏي ڇڏي منهنجي پچر،
دائمي ڳوڙهن سبب، چشمن مثل ٿيون چشم تر.

اي جدائي مصطفيٰ دي چوڙ ڏي ميڏي پچر،
چشمي وانگر ڳوڙهي ڳاڙن پيان هميشہ چشم تر.

**لفظي معنيٰ:** **فِرَاقُ**: جدائي، وڇوڙو، **فَارِقْنِي**: مونکي ڇڏي ڏي، منهنجي پچر ڇڏ، **اَلْعُيُوْنُ**: اکڙيون، **عُيُوْنٌ**: چشما، **مَدَامِعِ**: ڳوڙها، **دَامَة**: هميشہ وارا. مدامي، لڳاتار.

**ترجمو:** اي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي جدائي (وڇوڙا) مون کان جدا ٿي وڃ. منهنجون اکڙيون (جدائي سبب) لڳاتار ڳوڙها ڳاڙي چشما بڻجي ويون آهن.

(25)

اَتَيْتُكَ اَرْجُوْا يَا حَبِيْبُ بِشَارَةً
وَيَا مَنْ لَّهُ الْبُشْرٰى بِفَوْزِ سَلَامَةٍ

آسرو تو ۾ بشارت جو رکي آيس حبيب،
تي سلامتي سوڀ جي خوشخبري آ تو کي نصيب.

تيڏي ڪولون رک اميد آيا بشارت دي حبيب،
تي سلامتي سوڀ والي تيڪون خوشخبري نصيب.

**لفظي معنيٰ**: **اتيتک**: مان تو وٽ آيو آهيان، فعل ماضي معلوم واحد متڪلم، **ارجو**: مان اميد رکان ٿو. فعل مضارع واحد متڪلم، **بشارة**: بشارت خوشخبري، **البشریٰ**: بشارت، خوشخبري، **فوز**: ڪاميابي، سوڀ، **سلامة**: سلامتي.

ترجمو: اي بشارت (خوشخبري) ڏيڻ وارا دوست، اي اها ذات مبارڪ جنهن کي سوڀ ۽ سلامتي جي بشارت مليل آهي، آءٌ اوهان وٽ بشارت جي اميد کڻي آيو آهيان (تہ مونکي خوشخبري ڏيڻ فرمايو).

(26)

فَجُوْدُكَ يَا قَمْقَامُ عَمَّ بَرِيَّةً
فَأَنْتَ الَّذِيْ تَشْفِيْ ضَرِيْرُ سَقَامَتِيْ

عام عالم لئي سخي سردار تي تنهنجي سخا،
تو وٽان بيمار، بيماري کان پائن ٿا شفا.

عام عالم واسطي سردار تي تيڏي سخا،
تيڏي در بيمار بيماري کٽون پاون شفا.

**لفظي معنيٰ**: **جُوْدُک**: تنهنجي سخا، **قمقامُ**: فياض سردار، اڳواڻ، گهرو سمنڊ، **عَمَّ**: عام ٿي، فعل، ماضي معلوم واحد مذڪر غائب، **بَرِية**: خلق، مخلوق، **تشفِي**: شفا حاصل ڪري ٿي، فعل مضارع واحد مؤنث غائب، **ضرِيرُ**: ڪمزور مريض، **سَقَامَة**: بيماري.

ترجمو: اي سخاوت جا گهرا سمنڊ يا اي فياض سردار تنهنجي سخا سڄي خلق لئي عام آهي. اوهان جي ذات مبارڪ ئي آهي جو مون جهڙي بيماري جي ڪمزور، مريض کي شفا ڏيندين.

(27)

ظَلَمْتُ ظُلْمًا كَثِيْرًا وَكُنْتُ ظَلُوْمًا
جَهُوْلًا ذَهُوْلًا لَا دَرَيْتُ أَمَانَتِيْ

ظلم مون ڏاڍا ڪيا، ظالم ۽ جاهل آهيان،
بي خبر پنهنجي امانت کان ۽ غافل آهيان.

ظلم مين ڏاڍي ڪتي، ظالم تي مين جاهل وڏا،
مين امانت آپڻي تون، بي خبر غافل وڏا.

**لفظي معنيٰ**: **ظَلَمتُ**: مون ظلم ڪيو، فعل ماضي معلوم واحد متڪلم، **ڪنتُ**: مان آهيان، فعل ماضي واحد متڪلم، **ظلومًا**: ظالم **جهولًا**: جاهل، **ذهُولًا**: غافل، **لَادَرَيتُ**: مون نہ ڄاتو، مون نہ سمجهيو، فعل ماضي، واحد متڪلم، **امانَتِي**: مون پنهنجي امانت (اها امانت جيڪا انسان الله کان قبول ڪئي آهي.)

**ترجمو**: مون ڏاڍا ظلم ڪيا آهن ۽ آءٌ ظالم جاهل ۽ غافل آهيان، مون کي پنهنجي (خدا کان مليل) امانت جي ڄاڻ ئي ڪانهي.

(28)

فَيَانَبِيَّ الْهَاشِمِيِّ شَفَاعَةً
لِهَاشِمٍ وَغَرِيقٌ فِي بِحَارِ غَرَامَةٍ

ڪر شفاعت اي نبي الهاشمي هاشم سندي،
جو تباهي جي سمونڊن ۾ ويو آهي ٻڏي.

ڪر شفاعت اي نبي الهاشمي هاشم سندي،
جو تباهي دي سمونڊان وچ ڳيا هي غرق تي.

**لفظي معنيٰ**: **نبي الهاشمي**: مراد نبي صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات مبارڪ آهي. **هاشم**: مراد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي آهي، **غَرِيق**: غرق ٿيل، ٻڏل، **بِحَارُ** جمع آهي بحر جو، سمنڊ، **غَرَامَةٌ**: تباهي نقصان.

**ترجمو**: اي هاشمي نبي صلي الله عليہ وسلم هلاڪت ۽ تباهي وارن سمنڊن ۾ ٻڏل هن هاشم (مصنف قصيده) جي شفاعت ڪرڻ فرمايو.

(29)

فَوَاحَسْرَتَا فَرَّطْتُ فِيْمَا اَمَرْتَنِيْ
وَشَمَّرْتُ ذَيْلًا لِاقْتِرَانِ وَثَامَةٍ

تنهنجي حڪمن ۾ ڪيم افسوس ڪوتاهي گهڻي،
مان گناهن سان گڏوگڏ بينو آهيان ورڪٽي.

تيڏي حڪمان وچ وڏي افسوس ڪوتاهي ڪتم،
ول متي ڪر، مين گناهان نال گڏ گويا تيم.

**لفظي معني: فَوا حَسرَتَا:** پوءِ هاءِ افسوس، هاءِ حسرت. **فَرطت:** مون ڪوتاهي ڪئي. گهٽتائي ڪئي، فعل ماضي واحد متڪلم. **اَمَرتَنِي:** تو مون کي حڪم ڏنو. فعل ماضي واحد مذڪر، حاضر، **شمَرت:** مون سميٽيو، فعل ماضي واحد متڪلم، **ذيلا:** ڊگهو ڪپڙو، **شمرت ذيلاً:** ور متي ڪنيم، ڪپڙو متي سميٽيم، يعني وڌ ۾ وڌ پاڻ پتوڙيم، ڪوشش ڪيم. **اِقتران:** گڏ هجڻ متصل ٿيڻ، **وَثامة:** گناهه، ڪمي گهٽتائي.

**ترجمو:** هاءِ افسوس جو جنهن (ڪم ڪرڻ) جو اوهان حڪم ڏنو، ان جي بجا آوري ۾ مون ڪوتاهي ڪئي ۽ گناهه ڪرڻ ۾ (نفس سان) گڏ ورڪٽي بينس.

(30)

عَلَيْكَ صَلٰوةُ اللّٰهِ يَا كَوْكَبَ الْهُدٰى
وَيَا قَمَرَ الْعِرْفَانِ شَمْسَ شَهَامَةٍ

اي هدايت جا ستارا تو تي رب جون رحمتون،
معرفت جا چنڊ ۽ ساجاهه جا سج برڪتون.

اي هدايت دي ستاري تين تي رب ديان رحمتان.
معرفت دي چنڊ دانائي دي سج تي برڪتان.

**لفظي معني: اَلهُدىٰ:** هدايت، رهنمائي، رهبري، **عِرفان:** معرفت، ڄاڻ، **شهامة:** فراست، سوچ سمجهه، دانائي، ساجاهه.

ترجمو: اي هدايت جا ستارا، معرفت جا چنڊ، فراست، فهم ۽ ساڃاهه جا سج، تو تي شال الله تعاليٰ جون رحمتون ۽ برڪتون هجن.

(31)

عَلَيْكَ مِنَ اللهِ السَّلَامُ سَلَامَةً
مَادَامَ اَهْلُ الْخَيْرِ فِي دَارِ السَّلَامَةِ

تو تي الله جي سلامتي جا سلام ايندا رهن،
جيسين اهل- خير جنت جي فضائن ۾ هجن.

تين اتي رب دي سلامتي دي سلام آندي رهن،
جيسين اهلِ خير جنت دي اندر موجان ڪرن.

**لفظي معني: مَادَامَ:** جيستائين، **دارالسلامة:** سلامتي وارو گهر، جنت.

**ترجمو:** شال تيستائين سلامتي واري الله جا تو تي سلام هجن جيستائين اهل خير (نيڪ ماڻهو) سلامتي واري هنڌ (جنت) ۾ هجن.

(32)

سَلَامٌ عَلَى مَنْ سَارَ بِالصِّدْقِ وَالصَّفَا
خَلِيْفَةُ حَقٍّ خَيْرُ اَهْلِ الْاِعَانَةِ

جو سفر جو ساٿي، با صدق وصفا تنهن تي سلام،
هو خليفو حق جو، امداد ڪندڙن جو امام.

همسفر صدق و صفا والي صحابي تي سلام،
جو خليفا حق دا، امداد ڪندڙين دا امام.

**لفظي معني: مَن:** جيڪو شخص، **سار:** سفر ڪيو، هليو، سير ڪيو، **خير:** ڀلو، **اَهلُ الاِعَانَة:** مدد ڪرڻ وارا اعانت ڪرڻ وارا.

ترجمو: ان (عظيم) شخصيت (حضرت ابوبڪر رضي الله عنه) مٿان سلام هجن. جيڪو سچائي ۽ صفائي سان گڏ سفر ۾ هليو. اهو حق وارو خليفو ۽ پلو مددگار ۽ اعانت ڪندڙ آهي.

(33)

رَفِيقُ رَسُوْلِ اللّٰهِ فِي الْغَارِ اِنَّمَا
لَهٗ غَايَةُ الْقُصْوٰى بِنَيْلِ فَخَامَةٍ

غار ۾ ساٿي رسول الله جو جيڪو هيو،
جنهن بزرگي جو مٿاهون مرتبو حاصل ڪيو.

غار وچ ساٿي رسول الله دا جيڪو رهيا.
جو بزرگي دي وڏي رتبي ڪون حاصل ڪرگيا،

**لفظي معنيٰ**: **اِنما**: بيشڪ، تحقيق، **لَهٗ**: هن لاءِ، **غَايَةُ القُصوىٰ**: وڏو درجو وڏو مرتبو، وڏو مقام، **نيل**: حاصل ڪرڻ، **فَخَامَة**: بزرگي، وڏو درجو، مرتبو.

**ترجمو**: جيڪو رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو غار ۾ رفيق هيو، بيشڪ ڪيس بزرگي ۽ وڏي مرتبي ماڻڻ ۾ وڏو مقام آهي.

(34)

فَلَا لِسَانَ لَنَا نُحْصِيْ فَضَائِلَهٗ
فَبِالرَّسُوْلِ لَهٗ سِرُّ الْبِطَانَةِ

سا زبان ناهي اسان کي جا ڪري عظمت بيان،
هو رسول الله جي رازن جو جيڪو رازدان.

سا زبان آٿان ڪتون جيڪا ڪري عظمت بيان،
جو رسول الله دي هرراز دا هي رازدان.

**لفظي معنيٰ**: **لِسانَ**: زبان، **لَنا**: اسان کي، **نحصِي**: اسان ڳڻي سگهون، شمار ڪري سگهون، **سِرُ**: راز، **البطانةُ**: ڳجها راز رازدان.

**ترجمو:** اسان وٽ اهڙي زبان ئي ڪانهي جنهن سان سندن فضيلتون شمار ڪري سگهون (سندس شان ۾ اهو ڪافي آهي تہ) ڪيس رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن سان همراز هجڻ جو شرف حاصل آهي.

(35)

وَبَعْدُ عَلَى بَدْرٍ هُوَ الْبَحْرُ فِي الْعَطَا
بِهِ عِمَارَةُ عَدْلٍ وَاهْتِدَاءِ دِيَانَةٍ

ان ڪان پوءِ بخشش جو دريا چوڏهين جو چنڊ جو،
عدل جو معمار ۽ رهبر ديانت جو هيو،

تنهن پڇاڻان بحر بخشش، چوڏهين دا چنڊ جو،
عدل دا معمار، رهبر دينداري دا اهو.

**لفظي معني:** **بَدر:** چوڏهين جو چنڊ، **البحر:** سمنڊ، بحر، دريا، **العَطَا:** بخشش، عطا، **عِمَارَة:** بنياد، معمار، عمارت، **اِهتَداءِ:** هدايت، رهبري.

**ترجمو:** ۽ ان ڪان بعد چوڏهين جي چنڊ (حضرت عمر رضي الله عنہ) مٿان سلام هجن، جيڪو بخشش جو بحر هيو، جنهن سان عدل جي عمارت قائم ٿي ۽ جنهن ڪان ديانتداري جي هدايت ۽ رهنمائي ملي ٿي.

(36)

اَكْرِمْ بِهِ اِنَّهُ مُعَمَّارُ مَمْلَكَةٍ
وَكَانَ لِدِيْنِ اللّٰهِ مِثْلَ دِعَامَةٍ

مملڪت جو مان ۽ مانائتو معمار هو،
هو خدا جي دين جو گويا ستون آڌار هو.

مانوالا مملڪت دا بهترين معمار هي،
اوخدا دي دين دا گويا ستون آڌار هي.

**لفظي معنيٰ:** **اَكرِم بِهٖ:** ڪهڙو نہ سڳورو آهي، مانوارو آهي، عزت ڀريو آهي، **دِعَامَةُ:** ستون، ٿنيو.

ترجمو: ڪهڙو نہ سگورو (مانوارو) آهي، اهو جيڪو مملڪت (اسلامي رياست) جو معمار آهي ۽ اهو الله جي دين جو ٿنڀو ۽ ستون آهي.

(37)

مَكَارِمُ اَخْلَاقٍ لَّهٗ لَيْسَ تُحْصَرُ
فَاِنَّ لَهٗ فَضْلًا وَّخَيْرَ الْخَزَانَةِ

ان جي اخلاقن ڪريمن جو نہ آهي ڪو شمار،
مرتبا، عزت، خزانا خير جا، جنهن جو وقار.

سهڻين اخلاقين دا ڪوئي ڪر نهين سگهدا شمار،
مرتبي عزت، خزاني خير دي، جنهن دا وقار.

**لفظي معنيٰ: مَكَارِمُ اَخْلَاق:** سهڻا اخلاق، **لَيْسَ تحصَرُ:** شمار ثي نٿا سگهن، ڳڻي نٿا سگهجن. **ليس:** نہ، **تحصر:** فعل مضارع واحد مؤنث غائب، **خيرُ الخزانةِ:** بهترين خزانا، خير وارا خزانا.

ترجمو: سندس سهڻا اخلاق شمار ڪري نٿا سگهجن. جو تہ ڪيس فضيلت ۽ خير جا خزانا مليل آهن.

(38)

كَذَالِكَ عَلٰى عُثْمَانَ ثُمَّ عَلِيٌّ
لَهُمْ جَلَالَةُ الْقَدْرِ وَاِعْتِلَاءِ مَكَانَةٍ

ان طرح عثمان علي صاحب فضيلت با ڪمال،
جن جو اعلي مرتبو قدر و شرف جاه و جلال.

پڻ علي عثمان تي اهڙي طرح هوون سلام،
صاحب- عزو شرف جاه و جلال اعليٰ مقام.

**لفظي معنيٰ: كَذَالِكَ:** اهڙي طرح، **لَهُمْ:** هنن لاءِ، **جَلَالَةُ القدر:** وڏو قدر وڏو رتبو، وڏو مرتبو، مان، **اِعتِلاء:** بلند مٿاهون، **مَكَانة:** مقام مرتبو، رتبو.

**ترجمو:** اهڙي طرح حضرت عثمان رضي الله عنه ان بعد حضرت علي ڪرم الله وجهه مٿان سلام هجن، جن جو تمام وڏو مرتبو ۽ مٿانهون مان (اعليٰ مقام) آهي.

(39)

بِنُورِهِمَا قَدْ بَانَ بُنْيَانُ حِكْمَةٍ
بِقَهْرِهِمَا خِذْلَانُ اَهْلِ الْإِهَانَةِ

نور جن جي سان ڪلي اسرار حڪمت جا ويا،
قهر تن جي سان اهانت وارا وانجهيل ٿي رهيا.

راز حڪمت دي ٿئي ظاهر انهان دي نور نال،
قهر انهان دي نال ٿيان بدخواه ديان وايان بطال.

**لفظي معنيٰ:** **قد بَانَ:** تحقيق ظاهر ٿيو، پڌرو ٿيو. فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **بُنيَانُ:** بنياد، پيڙهه، **خذلانَ:** وانجهيل ناڪام بي يارو مددگار، **اهل الاهانة:** اهانت ڪرڻ وارا، گستاخي ڪرڻ وارا.

**ترجمو:** جن جي نور سان حڪمت جا بنياد ظاهر ٿيا. جن جي ڏمر سبب ذليل ۽ گستاخ (اهانت ڪرڻ وارا) ماڻهو وانجهيل ۽ بي يارو مددگار ٿي ويا.

(40)

فَحَسْبُهُمْ شَرَفًا وَّاِعْطَاءَ خَالِقِهِمْ
جَوَاهِرُ نُوْرٍ فِيْ عُقُوْدِ الْعَمَامَةِ

رب وٽان ميڄتا ملي عِزو شرف ڪردار ۾،
نور جا موتي وڏا ور ور اندر دستار ۾.

رب ڪٺون ميڄتا ملي عز و شرف ڪردار وچ،
نور دي موتي رکئي ول ول اندر دستار وچ.

**لفظي معنيٰ:** **فَحسبُهُم:** پوءِ انهن لاءِ ڪافي آهي. انهن جي مان مطابق آهي. **شرفًا:** عزت، مان مرتبو، **اِعطاءِ:** عطا ڪرڻ، ڏيڻ. **جَوَاهر:** موتي واحد آهي جوهر، **عُقُود:** ورورڪڙ واحد آهي، **عَقد:** ور، ڳنڍ، **اَلعَمَامة:** پڳ، دستار.

ترجمو: انهن جي شان ۽ مان مرتبي جي (ثبوت لاءِ) اها حقيقت ڪافي آهي تہ سندن خالق (الله تعالىٰ) سندن دستار مبارڪ جي ور ور ۾ نور وارا موتي رکيا آهن.

(41)

سَلَامٌ عَلٰى نُوْرَيْنِ كُلٌّ مِنْهُمَا
مَجَامِعُ اِحْسَانٍ وَحُسْنٌ وَسَامَةٍ

پڻ سلامن جي سُکا نورين جلويدار تي،
سونهن سوڀيا نيڪين جي مرڪزي ڪردار تي.

پڻ سلامان دي سکا نورين جلويدار تي،
سونهن سوڀيا نيڪيان دي مرڪزي ڪردار تي.

**لفظي معنيٰ: نُوْرَيْن:** ٻہ نور (امام حسن ۽ امام حسين عَلَيْهِمَا السلام)، **مَجَامِعُ:** جمع ٿيڻ يا گڏ ٿيڻ جي جڳهہ، **وَسَامَة:** سونهن سوڀيا، حسن، خوبصورتي.

ترجمو: انهن ٻنهي نورن (امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام) مٿان سلام، جيڪي ڀلائي حسن ۽ سونهن سوڀيا جا مرڪز آهن.

(42)

وَبَعْدُ عَلٰى بَاقِي الصَّحَابَةِ كُلِّهِمْ
دَوَامُ عَيْنٍ وَغَيْنٍ وَقَافٍ وَلَامَةٍ

ان ڪان پوءِ باقي سمورا يار اصحابي ڪرام،
جيسين باقي تا هجن هي عين غين ۽ قاف لام.

بعد تنهن دي باقي ساري يار اصحابي ڪرام،
جيستائين باقي هوسن عين غين ۽ قاف لام.

**لفظي معنيٰ: كُلِّهِمْ:** اهي سمورا، **دَوَامُ:** هميشہ رهڻ، جيستائين.

ترجمو: ان بعد انهن سمورن اصحابن سڳورن تي تيستائين سلام هجن، جيستائين (دنيا اندر) عين غين قاف ۽ لام موجود آهي، يعني جيستائي هِن دنيا جو وجود قائم آهي تيستائين مٿن سلام ۽ سلامتيون هجن.

(43)

فَمَنْ ذَاالَّذِي مَدَحَ النَّبِيَّ وَآلَهُ
لَاكِنْ لِلْعُشَّاقِ مَيْلُ الْمَلَامَةِ

کير آهي جو ڪري مِدحت نبي ۽ آل جي،
عاشقن ڪي پر، ملامت هوندي، سڪ احوال جي.

ڪير هي جو ڪر سگهي مدحت نبي دي آل دي،
عاشقان ڪون هي ملامت هوندي سڪ احوال دي.

**لفظي معنيٰ**: **فَمَن**: پوءِ اهو ڪير آهي (ڪو به نه آهي)، **ذاالذي**: جيڪو **مَدَحَ**: مدحت ڪري، ثنا ڪري، فعل ماضي منڪر واحد غائب، **لٰکن**: ليڪن، پر، مگر، **ميل المَلاَمَةِ**: ملامت ڏانهن لاڙو، ميلان، شوق، رجحان.

ترجمو: پوءِ ڀلا اهو ڪير آهي، جو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ سندن آل پاڪ جي (پوري پوري) واکاڻ ڪري سگهي. (اهڙو ڪو به ناهي. پر انهي ناممڪن هجڻ جي باوجود به) عاشقن جو ملامت ڏانهن لاڙو آهي. يعني اهڙو ڪم جيڪو هو ڪري به نه ٿا سگهن ۽ ان جو ڪرڻ ناممڪن آهي. پر ان هوندي به هو ثنا ڪرڻ لاءِ آتا آهن ۽ عشق و محبت جا پانديئڙا ساراهه ڪرڻ ڪان رهي به نٿا سگهن ۽ پنهنجي ڪوتاهي ۽ ڪم مائگي جي ملامت سهڻ لاءِ تيار آهن، پر ان هوندي سندن زبان تان ثنا جا جملا ظاهر آهن، لَايُمْکِنُ الثناء ڪما ڪان حَقُهٗ.

(44)

لِفَضْلِ رَسُوْلِ اللهِ لَيْسَ لَهٗ حَصْرٌ
لِسَانُ ڪُلِّ فَصِيْحٍ فِيْ قَيْدِ سَامَةٍ

ناهه ممڪن جو فضيلت مصطفيٰ جي ٿئي بيان،
هر فصِيح جي، موت جهڙي، قيد ۾ آهي زبان.

ڪر نهين سگهدا فضيلت مصطفيٰ دي ڪو بيان،
هر فصيح دي، موت والي قيد وچ، گويا زبان.

**لفظي معنيٰ:** **لَيس:** نہ آهي، **لهٗ:** هن کي، **حَصَر:** ڳاڻاٽو، ڪاٿو، شمار ڪرڻ، **فصيح:** فصاحت بلاغت وارو، **لِسان:** زبان. **سامة:** موت.

**ترجمو:** حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي فضيلت جو تہ ڪاٿو ئي ڪونهي، (ان ڪري سندس ثنا ڪرڻ وقت) هر فصاحت ۽ بلاغت واري ثناگر انسان جي زبان ڄڻ موت واري قيد ۾ آهي. ”ڪٿ مهر علي ڪٿ تيڏي ثنا، گستاخ اکيان ڪٿ جا اڙيان“ وارو معاملو آهي.

بسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيم

(1)

يَا سَالِكًا طُرُقَ الْمَدِيْنَةِ طَيِّبَةٍ
بَلِّغْ تَحِيَّاتِيْ اِلٰى سَاكِنِ الْحَرَمِ

اي مديني پاڪ جي راهن اُتي پانڌيئڙا،
مصطفيٰ وٽ منهنجا پهچائج سلام سنيهڙا.

اي مديني پاڪ دي راهان اتي پانڌيئڙي،
مصطفيٰ کون ميڏي پهچاوين سلام سنيهڙي.

**لفظي معنيٰ:** يَا: حرف ندا ڪنهن کي سڏ ڪرڻ، پڪارڻ وقت ڪم ايندو آهي. جهڙي طرح يا الله، يا رسول الله، اي الله، اي الله جا رسول، **سَالِک:** واٽهڙو، پانڌي، رستي تي هلندڙ، **طرقُ:** رستا، راهون پيچرا، طريق جو جمع آهي، **اَلمَدِينَة:** مدينہ منوره، مدينہ شهرکي چئبو آهي، پرهت خاص شهر يعني مدينة النبي مراد آهي، **طَيبة:** پاڪ، **بَلِّغْ:** پهچاءِ، رساءِ، امر جو صيغو آهي. تبليغ مصدر کان، **تحياتُ:** سلام، سنيها، محبت ڀريا پيغام، جمع آهي تحيت جو، **اِلیٰ:** ڏانهن، طرف حرف جار آهي، **سَاكِنِ الحَرَمِ:** حرم شريف ۾ رهندڙ، هت مراد آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات مبارڪ آهي.

**ترجمو:** اي مديني پاڪ جي پيچرن جا پانڌي، رستن ۽ راهن جا راهي، منهنجا سلام ۽ سنيها حرم پاڪ جي رهواسي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات بابرڪات تائين پهچائي ڏي. هت شاعر مدينہ منوره ويندڙ محبتي مسافر کي ڳيراٽڙيون پائي التماس ڪري ٿو تہ مون مسڪين جا، مديني جي مور صلي الله عليہ وسلم جن جي بارگاهہ ۾ پهچي، سنيها ۽ سلام عرض رکجانءِ. هي اها ئي عاشقاڻي

صدا آهي، جيڪا حضرت جامي رحمة الله عليہ صبح جي هير کي مخاطب ٿيندي ڪري ٿو:

**نسيما جانب- بطحيٰ گذر ڪن،**
**ز احوالم محمد را خبرڪن.**

ترجمو: اي صبح جي هير جڏهن بطحيٰ (نبي اڪرم جي بارگاه عاليہ) وٽان گذر ٿئي تہ منهنجي احوال جي محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم کي ضرور خبر ڪجانءِ.

(2)

فَاِذَا قَدِمْتَ بِهَا يَقُوْلُ مَلَائِكُ
اَهْلًا وَّسَهْلًا وَّمَرْحَبَا خَيْرَمَقْدَمٖ

تون جڏهن ايندين حرم اندر فرشتن جا جَتا،
تو کي چوندا مرحبا اهلاً وَسَهلاً مرحَبا.

پهچسين جيوين حرم اندر فرشتين دا جَتا،
تيڪون آکي مرحبا اَهلاً وَسَهلاً مرحبا.

**لفظي معنيٰ: فاذا:** پوءِ جڏهن، جنهن وقت، **قَدِمتَ:** تون پهتين، تون آئين فعل ماضي واحد مذڪر مخاطب، **بِهَا:** اُتي، انهي هنڌ، انهن ڏانهن مراد آهي حرم پاڪ، **يَقول:** هو چوندو قول کان فعل مضارع واحد غائب، **ملائک:** فرشتا، گهڻا فرشتا، فرشتن جا جتا، ميڙ جمع آهي **ملک** جو، **اهلاً: اَتيتَ اَهلاً:** تون پنهنجن وٽ پهچي وئين، **سَهلاً: تَوَ طنتَ سَهلاً:** تون سهولت ۽ سڪون واري هنڌ پهچي وئين. **خيرَ مَقدَم:** ڀلو آهي اچڻ، خير برڪت وارو آهي اچڻ، چڱو آهي قدم ڀري اچڻ.

ترجمو: جڏهن تون حبيب پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن جي حرم شريف ۾ پهچندين تہ گهڻا ئي فرشتا (فرشتن جا جتا، ميڙ) تنهنجي ڀليڪار ڪندا ۽ توکي چوندا تہ تون پنهنجن وٽ پهچي وير آهين. تون سڪون ۽ سلامتي واري هنڌ تي پهچي وئين. تنهنجي هت آمد ڪيتري نہ بابرڪت آهي.

مرحبا صد مرحبا خوش آمديد.

(3)

مَتٰى دَخَلْتَ مُدْخَلَ صِدْقٍ صِرْتَ مُؤْتَمِنًا
دَارُ الْحَبِيْبِ اَمَانُ الْخَلْقِ كُلِّهِمِ

صدق واري هنڌ پهچي پائيندين امن و امان،
در حبيب جو خلق ساري لاءِ ٿيو دارالامان.

ٿيسين داخل صدق دي در، پاسين أٿ امن وامان،
در حبيب دا خلق ساري واسطي دارالامان.

**لفظي معني: مَتٰي:** جڏهن، جنهن وقت، **دَخَلتَ:** تون داخل ٿئين، تون اندر آئين، فعل ماضي مذکر واحد مخاطب، **مَدخَل صِدق:** سچ واري هنڌ، سچ واري جاءِ، ظرف مکان مضاف مضاف اِليه، **صرتَ:** تون ٿي پوندين، تون ٿي ويندين، فعل ناقص واحد مذکر مخاطب، **مؤتَمِنًا:** امن وارو، امن لهندڙ، امن پائيندڙ اسم فاعل واحد مذکر. **دارالحبيب:** دوست جو گهر، دوست جو مکان، **اَمَانُ:** امن، سلامتي، **خلق:** مخلوق، خلق، **کُلِهِم:** سموري، تمام مخلوق.

**ترجمو:** جڏهن تون سچائي واري هنڌ پهچي ويندين (داخل ٿيندين) ته تون امن وارو ٿي پوندين، چو ته خدا جي حبيب صلي الله عليه وسلم جن جو گهر ۽ در پوري مخلوق لاءِ دارالامان يعني امن ۽ پناهه جي جڳهه آهي.

(4)

وَاِذَا رَأَتْ عَيْنَاكَ حُجْرَةَ اَحْمَدٍ
فَقُمْ خَاشِعًا مُتَضَرِّعًا ثُمَّ صَلِّ وَسَلِّمِ

جنهن گهڙي تنهنجون اکيون روضو محمد جو ڏسن،
عاجزي سان بيهي پوءِ صلوات جا تحفا ڏجن.

جيوين تيڏيان اکڙيان روضا محمد دا پسن،
عاجزي دي نال صلواتان سلام آکڻ کپن.

**لفظي معني: إِذَامَا:** جنهن وقت، جڏهن، **رَثَت:** ڏسن، پسن، ڏنائين، فعل ماضي واحد مؤنث غائب. **عيناکَ:** تنهنجون ٻئي اکيون، **عينانِ:** تثنيو آهي. ”ن“ اضافت جي ڪري عيناڪ ٿي پيو ۽ ’ن‘ هضم ٿي ويو. **حجرة:** ڪمرو، ڪوٺي. **فَ:** پوءِ، **قُمْ:** اٿي، بيهه فعل امر حاضر قام قيام کان، **خَاشِعًا:** نوڙت ۽ هيٺاهين ڪندڙ، خشوع خضوع ڪندڙ، **مُتضَرِعًا:** منٿون ڪندڙ، ليلهائيندڙ، عاجزي ڪندڙ، **ثُمَ:** پوءِ، **صَلِ:** صلوات پڙهه، درود پڙهه، **وَسَلِمِ:** ۽ سلام پڙهه، سنيها موڪل. صَل، سَلِم ٻئي فعل امر حاضر آهن، صلوٰة ۽ سلام جو.

**ترجمو:** جڏهن تنهنجون اکڙيون حضرت احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جي حجري پاڪ (روضي اطهر) کي پسن ته پوءِ تو کي بيهي نوڙت، نياز، ادب، احترام، عاجزي ۽ بيکسي سان پاڻ ڪريمن عليہ الصلوٰة والسلام تي سلام ۽ درود موڪلڻ گهرجن.

(5)

وَقُلْ بَيْنَ قَبْرِ النَّبِيِّ وَمِنْبَرِ
عَلَيْكَ صَلٰوۃُ اللّٰهِ يَاصَاحِبَ الْعَلَمِ

عرض ڪر تون قبر ۽ منبر نبي جي درميان،
پيشوا صاحب علم رب جون صلاتون تو مٿان.

قبر تي منبر دي وچ ڪر عرض باصد احترام،
تين اتي صاحب علم رب ديان صلوٰتان تي سلام.

**لفظي معني: قُل:** چؤ، عرض ڪر، امر حاضر قال قول کان. **بَينَ:** وچ ۾، درميان، **قَبرَ:** آخري آرامگاهه، روضہ اطهر، **مِنبَرُ:** مسجد نبوي ۾ اهو منبر جتي حضور عليہ الصلواة والسلام جن خطبو ڏيڻ فرمائيندا هئا، **عَلَيک:** اوهان اتي. **صلوات الله:** الله جون رحمتون، **صاحِبِ عَلَم:** جهنڊي وارا اڳواڻ، پيشوا، جنهن جي جهنڊي هيٺ سندس امت ۽ سمورا انبياء ڪرام عليهم السلام گڏ هوندا. هت صاحب علم مان مراد حضور عليہ الصلواة والسلام جي ذات بابرڪات آهي.

**ترجمو:** (اي زيارت لاءِ پهچندڙ خوشنصيب انسان) تون حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي قبر مبارڪ (روضي پاڪ) ۽ منبر شريف جي وچ ۾ بيهي ادب سان عرض ڪر تہ سمورن نبين سڳورن جا سرتاج، اڳواڻ (صاحب علم) اوهان تي الله جون رحمتون هجن:

(6)

عَلَيْكَ صَلَوٰتُ اللّٰهِ يَا دَاعِيَ الْهُدٰى
عَلَيْكَ سَلَامُ اللّٰهِ يَا خَيْرَ مُعْتَصِمٍ

توتي رب جون رحمتون اي صاحبِ رشدوهدا،
تو متي رب جون صلاتون اي پلارا پرجهلا.

تين تي رب ديان رحمتان، اي صاحبِ رُشدو هدا،
تين اتي صلوٰتان رب ديان، ميڏا سهڻا پرجهلا.

**لفظي معنيٰ: عليڪ:** اوهان تي، تو متي، **صَلَوَات الله:** الله جون رحمتون، صلاتون، سلام، **يَا:** حرف ندا، اي، **دَاعِي:** دعوت ڏيندڙ، سڏيندڙ، **الهدیٰ:** هدايت، رهبري، سڌو رستو، **سَلَام الله:** الله تعاليٰ جا سلام ۽ سلامتي، **خير:** پلارا، پلا، سڳورا، **معتَصَمَ:** پناهہ جي جاءِ. ماويٰ ملجا.

**ترجمو:** اي سڌي رستي (هدايت واري راهہ) ڏانهن دعوت ڏيندڙ پيارا نبي صلي الله عليہ وسلم اوهان تي الله جون رحمتون هجن. اي بهترين پناهہ جي جڳهہ تو تي الله تعالي جا سلام ۽ سلامتي هجي.

(7)

عَلَيْكَ صَلٰوةُ اللّٰهِ يَا دَارَ حِكْمَةٍ
عَلَيْكَ سَلَامُ اللّٰهِ يَا جَامِعَ الْكَلِمِ

تو تي رب جون رحمتون ڏاهپ ۽ حڪمت جا ڏٽي،
پڻ صلاتون اي فصاحت ۽ بلاغت جا ڏٽي.

تين تي رب ديان رحمتان، ڏاهپ تي حڪمت دي ڏٽي،
تين تي صلواتان، فصاحت تي بلاغت دي ڏٽي.

**لفظي معني: دَارَ حِڪْمَةٍ:** حڪمت جو گهر، ڏاهپ ۽ دانائي جو گهر يعني حڪمت ڏاهپ ۽ سياڻپ جا ڏٽي، **جَامِعُ الْكَلِمِ:** الفاظ جو جامع يعني ٿورن لفظن ۾ گهڻو ڪجهه بيان ڪرڻ وارو، **جامع:** جمع ڪندڙ، گڏ ڪندڙ، **الكلم** ڪلما: هي جمع آهي ڪلمة جو يعني الفاظ، الفاظ جو جمع ڪندڙ، دار حڪمة ۽ جامع الكلم مان مراد حضور عليہ الصلواة والسلام جن آهن.

**ترجمو:** اي حڪمت ۽ ڏاهپ جا گهر (دانائي جا ڏٽي) تو تي الله جون رحمتون هجن. اي ٿورڙن لفظن مان گهڻي معنيٰ ۽ مطلب بيان ڪرڻ وارا پيارا نبي صلي الله عليہ وسلم اوهان تي الله جي سلامتي ۽ سلام هجن.

(8)

عَلَيْكَ صَلٰوةُ اللّٰهِ يَا آيَةَ الرِّضٰى
عَلَيْكَ سَلَامُ اللّٰهِ يَا مَفْخَرَ النَّسَمِ

راضپي رب جي نشاني تو تي صلواتون سلام،
فخر آدم رحمتون رب جون رهن دائم مدام،

راضپي رب دي نشاني تين تي صلواتان سلام،
فخر آدم تين تي رب ديان رحمتان دائم مدام.

**لفظي معنيٰ: آيَت:** نشاني علامت، **الرضيٰ:** راضپو، رضامندو، **مفخر:** اهڙو شخص جنهن تي فخر ڪجي، قابل فخر هستي. **اَلنسمُ:** ماڻهو، انسان، آدم ذات، **فخرالنسم:** جنهن تي انسانن کي فخر هجي، جيڪو انسانن لاءِ باعث فخر هجي.

**ترجمو:** اي الله تعاليٰ جي راضي ٿيڻ جي نشاني (علامت) تو تي الله تعاليٰ جون رحمتون هجن. اي اهڙي قابل فخر هستي جنهن تي پوري انسان ذات فخر ڪري ٿي. تو تي الله جا سلام ۽ سلامتي هجي. اوهان جي ذات ڪريم صلي الله عليہ وسلم الله کي راضي رکڻ لاءِ الله جي هڪ آيت يا نشاني آهي، جنهن سان ئي رب جو رضامندو حاصل ڪري سگهجي ٿو. اوهان تي پوري انسان ذات کي فخر آهي ۽ اوهان ئي انهن لاءِ باعثِ فخر آهيو.

(9)

عَلَيْكَ صَلٰوةُ اللهِ يَا صَاحِبَ اللِّوَاءِ
عَلَيْكَ سَلَامُ اللهِ يَا مَعْدَنَ الْحِكَمِ

اي شفاعت جا علمبردار صلواتون سلام،
حڪمتن جي کاڻ مٺيادار صلواتون سلام.

اي شفاعت دي علمبردار صلواتان سلام،
حڪمتين دي کاڻ مٺيادار صلواتان سلام.

**لفظي معنيٰ: اللِواءُ:** خاص جهنڊو، شفاعت وارو جهنڊو، **مَعدَن:** کاڻ، **اَلحِڪَم:** ڏاهپ، حڪمت، بردباري، علم، انصاف، جمع آهي حڪمت جو.

**ترجمو:** اي پيارا رسول جنهن جي هٿ ۾ شفاعت جو جهنڊو هوندو، تو مٿان الله جون رحمتون هجن. اي حڪمت، علم ۽ انصاف جي کاڻ تو تي الله پاڪ جا سلام ۽ سلامتي هجي. شاعر جو چوڻ آهي تہ قيامت جي ڏينهن اوهان جي هٿن مبارڪن ۾ شفاعت جو جهنڊو (علم) هوندو. انهي شفاعت واري جهنڊي جا مالڪ، اوهان تي رب جون رحمتون هجن. اوهان ڏاهپ، حڪمت، علم ۽ انصاف جي کاڻ آهيو. اهي سڀ شيون اوهان وٽان ئي مليون. اوهان تي رب جا سلام هجن.

(10)

عَلَيْكَ صَلٰوةُ اللهِ يَا مَلْجَأَ الْوَرٰى
عَلَيْكَ سَلَامُ اللهِ يَا زَيْنَ زَمْزَمِ

تو تي رب جون رحمتون اي خلق جا عالم پناهہ،
اي سڳورا سونهن زم زم جي بہ تنهنجي دم سان آهہ.

اي اجها مخلوق دا الله دي تين تي درود،
اي سڳورا سونهن زم زم دي تيا تيڏا وجود.

**لفظي معنيٰ: مَلجاء:** اجهو، پناهہ جي جاءِ، **اَلوَرىٰ:** مخلوق، خلق، انسان ذات، **زَين:** زينت، رونق، سونهن، سينگار، **زمزم:** ڪعبةالله لڳ آب زم زم وارو کوهہ.

ترجمو: اي اڙين جا اجها (مخلوق جي پناهه جي جاءِ) تو تي الله جون رحمتون هجن. اي زم زم جي سونهن ۽ سينگار، تو تي الله تعاليٰ جا سلام هجن. اوهان جي ذات پاڪ جي طفيل ئي آب زم زم تي ميڙا متل آهن. اها ساري رونق اوهان جي دم مبارڪ سان آهي.

(11)

أَيَا نَسِيمَ الصَّبَا اِنْ زُرْتَ رَوْضَتَهٗ
سَلِّمْ عَلَى الْمُصْطَفٰى صَاحِبِ النِّعَمِ

اي نسيم- صبح روضي جي زيارت ٿئي نصيب،
پيش ڪر منهنجا سلام ان ڪي جو ٻاجهارو حبيب.

صبح والي هير، روضي دي زيارت هو نصيب،
پيش ڪر ميڏي سلام انهان ڪون جو ٻاجهارا حبيب.

**لفظي معنيٰ: نسيم:** ٿڌڙي هير، نرم ۽ وٽندڙ هوا، **الصَبا:** صبح، **اِن:** جيڪڏهن، **زُرتَ:** تو زيارت ڪئي، تو کي زيارت نصيب ٿي، فعل ماضي واحد مذڪر مخاطب، **سَلِم:** سلام عرض ڪجان، سلام پيش ڪجانءِ، **صاحِبِ النعم:** بخشش، فيض، مهرباني يا نوازشن جو صاحب. مراد آهي حضور عليه الصلواة وَالسلام.

**ترجمو:** اي صبح جي وٽندڙ نرم نازڪ هير، جيڪڏهن تو کي حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي روضي مبارڪ جي زيارت نصيب ٿئي ته تون، ان مهربانين واري صاحب کي منهنجا سلام عرض رکجانءِ.

(12)

وَقِفْ عِنْدَ مَضْجَعِهٖ فِيْ مُوَاجَهَتِهٖ
وَبَلِّغْ صَلَاتِيْ وَتَسْلِيْمِيْ عَلٰى رُوْحٍ اَكْرَمِ

پيش ڪر دربار ۾ بيهي مواجهه وٽ سلام،
منهنجون صلواتون درود ان تي جو صاحب احترام.

بارگاهه دي وچ ڪڙا هو ڪر مواجهه دي مقام،
صاحب عزت ڪون پهچا ميڏي صلوات و سلام.

**لفظي معني:** **قِف:** بيهه، فِعل امر حاضر وقوف کان. **عِندَ:** وٽ، پاسي، پر ۾، **مضجع:** خواب گواه، ظرف مڪانِ. **مَوَاجه:** سامهون، روبرو منهن مقابل، پاڻ ڪريمن جي روضي پاڪ سامهون. مواجهه ان هنڌ کي سڏجي ٿو. جنهن هنڌ ڄاري ۾ سندن منهن مبارڪ جي سامهون ديدار لاءِ دري (سوراخ) ٺهيل آهي. **بَلِّغ:** پهچاءِ، رسائج، فعل امر حاضر تبلغ کان، **صَلَوَاتي:** منهنجون صلاتون، درود، **تَسليمي:** منهنجا سلام، **روحَ اَکرَم:** تمام وڏي عزت واري روح مبارڪ کي، مراد نبي اڪرم ﷺ آهي.

**ترجمو:** حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي روضي مبارڪ (آرام گاهه، خواب گاه) ۾ مواجهه (منهن مبارڪ) سامهون بيهي منهنجا درود ۽ سلام وڏي عزت واري روح مبارڪ حضور عليه الصلواة والسلام جن تي موڪلجانءِ يا پهچائجانءِ.

(13)

وَقُلْ يَارَسُوْلَ اللهِ عَبْدٌ مُّقَصِّرٌ
غَرِيْقٌ فِيْ بِحَارِ السَّيِّاٰتِ وَمَظْلَمٍ

عرض ڪر، آهي هي ٻانهو پر خطا، خيرالرسل،
جو براين جي انڌيري بحر ۾ آهي ٻڏل.

مصطفيٰ کون عرض ڪر، هي ٻانهڙا پٽڪيل پليل،
جو برايان دي انڌيري بحر اندر هي ٻڏل.

**لفظي معنيٰ:** **قُل:** چئو، عرض ڪر، فعل امر حاضر قول کان، **عَبدٌ:** ٻانهو، نوڪر، **مُقَصِرَ:** ڪوتاهي ڪندڙ. تقِصير ڪندڙ، اسم فاعل تقصير کان، **غَرِيقٌ:** ٻڏندڙ، غرق ٿيندڙ. غرق ٿيل، **بحَارَ:** سمنڊ جمع آهي بحر جو، **السيآت:** برايون، بديون، ڏوهه گناهه، جمع آهي سيِاة جو برائي، **مَظلَم:** اونداهي خراب، انڌيري وارو وقت.

**ترجمو:** ۽ چئجانءِ تہ (عرض ڪجانءِ) اي الله جا رسول صلي الله عليه وسلم هي قصور وار (ڪوتاهيون ڪندڙ) ٻانهو براين جي اونده انڌوڪار بحر ۾ ٻڏل آهي.

(14)

يَلُوذُ اِلٰى جَنَابِكَ مُسْتَغِيْثًا
وَيَشْكُوْا ذُنُوْبًا كَالْجِبَالِ الْاَعَاظِمِ

توکي ٻاڏائيندي حضرت ٿو پني تنهنجي پناهه،
دانهين ٿو، جبلين وڏن وانگر ٿيا جنهن جا گناهه.

هي مدد تيڏي دا طالب، پنندا حضرت دي پناهه،
دانهيندا، جبلان مثل جنهن دي بلند بالا گناهه.

**لفظي معنيٰ: يَلُوذ:** پناهه پني ٿو، پناهه وٺڻ گهري ٿو، فعل مضارع واحد مذکر غائب، **اِلٰي:** کان، **جنابک:** حضور جن کان، حضرت جن کان، **مُستَغِيثًا:** مدد گهرندڙ، ٻاڏائيندڙ، فرياد ڪندڙ، **يشکوُا:** شڪايت ڪري ٿو، تڪليف بيان ڪري ٿو، فعل مضارع واحد مذکر غائب. **ذُنوب:** گناهه، ڏوهه، جمع آهي ذنب (گناهه) جو، **الاعاظم:** وڏا، بلند ۽ بالا.

ترجمو: (اي نبي محترم صلي الله عليه وسلم، هي گنهگار ٻانهو) اوهان جي حضور ۾ مدد لاءِ ٻاڏائيندي (پنهنجن ڪيل) وڏن جبلن جهڙن وڏن گناهن کان بچڻ لاءِ پناهه گهري ٿو ۽ دردمندانا شڪايت ڪري ٿو تہ هي گناهن جا وڏا انبار مون کي تباهه ڪري ڇڏيندا. ان ڪري مدد فرمايو، پنهنجي دامن جي پناهه ۾ جڳهه عطا فرمايو.

(15)

أَيَا فَخْرَ اَرْضِ اللّٰهِ وَنُوْرَ سَمَائِهٖ
نَفْسِيْ وَقَلْبِيْ فِيْ هَوَاكَ وَمُغْرَمٖ

آسمان جا نور اي فخرِ زمينِ ذوالمنن،
منهنجي دل ۽ جان تنهنجي عشق ۾ ٿي موجزن.

آسمان دا نور اي فخرِ زمينِ ذوالجلال،
روح توڙي قلب تيڏي عشق وچ مستان حال.

**لفظي معنيٰ: فَخرَ اَرض الله:** الله جي زمين جا فخر. جنهن تي زمين ناز ڪري ٿي، فخر ڪري ٿي، جنهن جو وجود زمين لاءِ باعث فخر آهي. **نُورُ سَمَائهٖ:** هن جي (الله جي) آسمانن جا نور، روشني، **نفِسي:** منهن جي جان، منهن جو ساهہ. **قلبِي:** منهن جي دل، **هَوَاکَ:** تنهنجي محبت، تنهنجي چاهت، **مغرم:** پرجوش، تابان ٿيل.

**ترجمو:** اي اها ذات گرامي صلي الله عليہ وسلم جنهن تي روءِ زمين فخر ڪري ٿي (جيڪو زمين لاءِ باعث فخر آهي) ۽ آسمانن جا نور منهنجي جان منهنجي دل اوهان جي عشق ۽ چاهت ۾ پرجوش (موجزن) آهي.

(16)

جَرَتْ مُقْلَتِیْ شَوْقًا اِلَيْكَ وَلَوْعَةً
وَتَقَطَّعَتْ كَبِدِیْ مِنْ جَوًی تَضَرُّمِ

نير جاري منهنجي اکڙين مان محبت جي ڪري،
دل جگر ٿيا ٽڪرا ٽڪرا عشق والفت جي ڪري.

نير هارن اکڙيان ميڏيان محبت دي ڪري،
دل جگر پيي ٽڪري ٽڪري عشق والفت دي ڪري

**لفظي معنيٰ: جَرَت:** جاري ٿي، لڳاتار وهي ٿي، فعل ماضي واحد مؤنث غائب، **مُقْلَةٌ:** اک، اک جي پيچڙي، تارو اک جو، **شوقًا:** محبت، شوق، **وَلوعَة:** غم کان يا عشق جي آگ کان دل جو جلڻ، **تقطعَت:** ڪپجي وئي، ٽڪرا ٽڪرا ٿي پئي، فعل ماضي مؤنث غائب، **کَبِدُ:** جگر، جيرو، **جَوَيٰ:** عشق يا غم سبب دل جو جلڻ، سوزش ٿيڻ، **تَضَرُم:** ٻرڪڻ، باهہ جو تيز ٻرڻ.

**ترجمو:** اي حبيب صلي الله عليہ وسلم اوهان جي عشق و محبت ۾ منهنجي دل مان الا نڪري رهيا آهن ۽ عشق و محبت جي سوزش ۽ جلن جي ڪري منهنجو جگر ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو آهي.

(17)

وَلٰكِنْ اَوْزَارِیْ وَذَنْبِیْ تَعَاظَمَتْ
فَصَارَتْ مُمَانِعَةً وَكَثْرَةُ مَاْثَمِ

پر وڏا ٿيا ڏوهہ منهنجا، جن جو ڀاري آهي بار،
ڪثرت- عصيان رڪاوٽ ٿي ملڻ تنهنجي ڪان يار.

ڏوهہ تي عصيان ميڏي ڀاري ڀرڪم بي شمار،
وصل تيڏي وچ رڪاوٽ هِن هميشہ لاءِ يار.

**لفظي معنيٰ: وَلٰكِن**: وليڪن، ۽ پر، **اَوزَار**: بار، وزن، جمع آهي وزر جو، **اوزاري**: منهنجا بار، ،منهنجي براين جا بار، **تَعَاظَمَت**: وڏا ٿيا، ڳرا ٿيا، وزني يا ڀاري ٿيا. فعل ماضي مؤنث واحد غائب، **فَ**: پوءِ، **صَارَت**: ٿي پيا، **مُمَانِعَة**: منع ڪندڙ، روڪيندڙ، اسم فاعل واحد مؤنث، **ڪَثرةُ**: گهڻائي، ڪثرت، زيادتي، **مَاثم**: ڏوهہ، گناهہ، اثم.

**ترجمو**: ۽ پر (وليڪن) منهنجي ڏوهن ۽ بُراين جا بار ڳرا ۽ وڏا ٿي ويا آهن ۽ منهنجي گناهن جي گهڻائي (ڪثرت) محبوب جي ملڻ ڪان منع ڪندڙ آهي.

(18)

عَجِزْتُ عَنْ حَمْلِهَا ثَقُلَتْ خَطِيَاتِيْ
فَالنَّفْسُ فِيْ خَجَلٍ وَالْعَيْنُ عَيْنُ دَمٍ

مان ڪٽڻ ڪان آهيان عاجز، ٿي ڳري منهنجي خطا،
نفس شرمنده ۽ اکڙيون چشما آهن رت سندا.

سگهہ نہ چاوڻ دي رکان، ڀاري گناهان دا هي بار،
رت دي چشمي اکڙيان ٿيان، نفس يي هي شرمسار.

**لفظي معنيٰ: عَجزت**: آءٌ عاجز ٿي پيس، لاچار ٿي پيس، بيوس ٿي پيس، فعل ماضي واحد مذڪر متڪلم، **حَملها**: انهن جو ڪٽڻ، **ثقلت**: ڳرو ٿي پيو، وزني يا ڀاري ٿي پيو، فعل ماضي واحد مؤنث غائب، **خطياتي**: منهنجون خطائون، منهنجا ڏوهہ، **خجل**: شرمساري شرمندگي، **العين**: اک، **عَين**: چشمو، **دَمَ**: رت.

**ترجمو**: منهنجي ڏوهن جو بار گهڻو ڳرو ٿي چڪو آهي، جنهن جي ڪٽڻ ڪان مان لاچار (عاجز) آهيان. ان ڪري منهنجو نفس شرمنده آهي ۽ اکيون رت جا چشما بڻجي ويون آهن.

(19)

إِنْ كَانَ عَفْوُ كَرِيمٍ قَدْ أَفَادَ رَجَاءً
وَلٰكِنْ نِجَاسَةُ نَفْسِي مَنْشَأُ النَّدَمِ

تنهنجي بخشش ۾ ڪريم، آهيم توڙي آسرو،
پر نجاست نفس جي آهي سبب افسوس جو.

توڑي ميڪون هي ڪريم دي بخششان وچ آسرا،
پر پليتي نفس ميڏي دي سبب افسوس دا.

**لفظي معنيٰ: إِن كَانَ:** توڙي آهي. جيتوڻيڪ آهي، **عَفوُ:** معافي، **كَرِيم:** مهربان، مراد نبي ڪريم ﷺ جن جي ذات مبارڪ آهي. **قَدْ:** تحقيق، **اَفَادَ:** فائدو ڏنو، فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **رِجَاءَ:** اميد، آسرو، **لاكِن:** ليڪن، پر، **نِجَاسَةُ:** پليتي، نجاست، **نفسي:** منهنجي نفس جي، **منشا:** اصل، پاڙ، بنياد، اصل سبب يا وجهه.

**ترجمو:** جيتوڻيڪ، يا رسول صلي الله عليہ وسلم اوهان جي ذات ڪريم ۾ معافي (ملڻ) جي (يقيني) اميد آهي، پر منهنجي پنهنجي نفس جي نجاست ۽ پليتي منهنجي پڇتاءَ ۽ شرمساريءَ جو اصل سبب آهي (اصل بنياد آهي.)

(20)

فَالنَّاسُ لَا يَتْرُكُونَ كِلَابًا فِي مَسَاجِدِهِمْ
وَلَا نَجْسًا فِي مَوْضِعٍ طَاهِرٍ حَرَمٍ

ماڻهو مسجد ۾ اچڻ ڏيندا ڪتي آهن ڪتا،
ڪيئن حرم جي پاڪ هنڌ تي هي نجس ايندو ڀلا.

ماڻهو مسجد دي اندر آوڻ نهين ڏيندا ڪتا،
اي نجس آسي حرم دي پاڪ هنڌ ڪيوين ڀلا.

**لفظي معنيٰ: الناس:** ماڻهو، انسان، **لايترڪون:** نتا ڇڏين، فعل مضارع، مذڪر جمع غائب، **كِلابًا:** ڪتا، جمع آهي ڪلب جو، **مَساجِد:** مسجدون،

**هر**:- هنن جون پنهنجون، هنن جون، **نجس**: پليت، ناپاڪ، **مَوضع**: هنڌ، جاءِ، **طاهِر**: پاڪ، **حرم**: حرم پاڪ، نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو حرم پاڪ، مدينہ منوره، مراد روضو مبارڪ آهي.

ترجمو: جڏهن ماڻهو پنهنجن مسجدن (پاڪ جڳهن) ۾ ڪتا اچڻ نہ ڏيندا آهن تہ پوءِ (مون جهڙي) نجس، ناپاڪ ۽ پليت انسان جو (نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم) جن جي پاڪ حرم جي هنڌ پهچڻ ڪهڙي ريت ٿي سگهي ٿو. هت مخدوم صاحب پنهنجي انتهائي عاجزيءَ جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ مون جهڙي گنهگار (پليت انسان) جو نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي حرم پاڪ ۾ اچڻ ڪيئن ٿيندو. جڏهن ماڻهو پنهنجي مسجدن ۾ ڪتا اچڻ نہ ڏيندا آهن.

(21)

كَيْفَ الْوُصُوْلُ اِلَى الْحَبِيْبِ وَدُوْنَهٗ
قُلَلٌ شَوَامِخُ مِنْ جِبَالٍ اَعَاظِمِ

ڪيئن ملڻ ٿيندو حبيبن سان جڏهن ان جي اڳيان،
منهنجي ڏوهن جون وڏيون چوٽيون وڏن جبلن جيان.

يار ميڏي نال ممڪن هي پلا ڪيوين وصال،
ميڏي ڏوهان ديان وڏيان چوٽيان اڳون جبلان مثال.

**لفظي معنيٰ**: **كيف**: ڪيئن، ڪهڙي طرح، **الوَصول**: پهچڻ، ملڻ، ملاقات، وصال، **دُونَهٗ**: هن جي اڳيان، هن جي سامهون، **قُلَل**: جبلن جون چوٽيون، **شِوَامِخُ**: بلند، وڏيون، اوچيون، واحد شامخة، **جبال**. جبل، جبل، جمع آهي جبل جو، **اعاظم**: وڏا، عظيم.

ترجمو: اهڙي ماڻهو جو حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن وٽ پهچڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جنهن جي گناهن جي وڏن جبلن جون بلند بالا چوٽيون اڳيان آيل آهن. (سامهون آڙ آيل آهن.)

(22)

الَا يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ يَا كَنْزَ رَحْمَةٍ
يَا مَنْ لَّدَيْهِ دَوَاءُ الدَّاءِ وَالْاَلَمِ

اي خزانا رحمتن جا اي رسول كبريا،
تنهنجي هٿ وس آهي منهنجي درد و غم جي هر دوا.

تون خزانا رحتمان دا اي رسول كبريا،
ميڏي هر رنج والم دي تيڏي كولون هي دوا.

**لفظي معني: الا:** او، اي، اڙي. هي لفظ مخاطب كي پكارڻ وقت سندس ڌيان ڇكائڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي، **كنز رحمةٍ:** رحمت جا خزانا، **يامَن:** اي اهو شخص، **لديه:** جنهن وٽ، ان وٽ، **دواءُ:** علاج، دوا، **الداءُ:** بيماري، مرض، **الالم:** رنج، ڏک، درد.

**ترجمو:** اي الله جا رسول صلي الله عليہ وسلم، اي رحمتن جا خزانا، اي اها ذات گرامي صلي الله عليہ وسلم، جنهن وٽ هر مرض ۾ درد و غم جي دوا (موجود) آهي.

(23)

اُنْظُرْ بِعَيْنِ الشَّفَاعَةِ نَحْوَ مُذْنِبٍ
وَاسْئَلْ خَلَاصِيْ مِنَ اللّٰهِ يَا نَبِيَّ الْكَرَمِ

تون شفاعت جي نگاهن ساڻ عاصي ڏي نهار،
گهر خلاصي منهنجي الله كان نبي عالي وقار.
كر شفاعت دي نظر عاصي اتي عالي وقار،
شل خلاصي تيڏي آكڻ تي كري پروردگار.

**لفظي معني: انظر:** نظر كر، نهار، ڏس، فعل امر حاضر، **عين الشفاعة:** شفاعت جي نظر، سفارش جي نگاهه، **نحو:** طرف، ڏانهن، **مذنِب:** گنهگار، گناه كندڙ، اسم فاعل، **وَاسئَل:** ۽ سوال كر، عرض كر، گهُر كر،

**خلاصي:-** منهنجو چوٽڪارو، **نَبِي الكَرَمِ**: اي ڪريم نبي صلي الله عليه وسلم، اي احسان ڪندڙ، سخي نبي صلي الله عليه وسلم.

**ترجمو:** اي الله جا رسول هن گنهگار ڏانهن شفاعت جي نظر سان نهاريو. اي مهربان ڪرم ۽ سخاوت وارا نبي صلي الله عليه وسلم منهنجي چوٽڪاري جو الله تعالىٰ کان سوال ڪر (منهنجي نجات جي گهر ڪر).

(24)

فَاِنَّكَ مَرجُوٌّ وَاَنتَ وَسِيلَةٌ
فَقَدْ سَمَّاكَ رَبِّيْ شَافِعَ الاُمَمِ

آهين بيشڪ تون وسيلو تون ئي اميد آسرو،
تو کي شافع امتن جو تنهنجي رب آهي سڏيو.

تون اميد تي آسرا، تون ئي وسيلا پرجهلا،
امتان دا تيڪون شافع تيڏي مولا هي سڏيا.

**لفظي معني: فَاِنَّكَ:** پوءِ بيشڪ تون، **مَرجُو:** اميد ڪيل، جنهن ۾ اميد يا آسرو هجي، **وسيلة:** وسيلو، ذريعو، **فقد:** پوءِ تحقيق، **سَمَّاکَ:** تو کي سڏيو، تنهنجو نالو رکيو. فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **شافِع الاُمَمِ:** امتن جي شفاعت ڪندڙ، سفارش ڪندڙ.

**ترجمو:** پوءِ بيشڪ اوهان جي ذات مبارڪ ۾ ئي (شفاعت) جي اميد آهي ۽ اوهان جي ذات پاڪ ئي واهر وسيلو آهي. بيشڪ منهنجي پروردگار اوهان کي شافع الامم يعني امتن جو شفاعت ڪندڙ سڏيو آهي. (اوهان کي شافع الامم جو نالو ڏنو آهي.)

(25)

كِلْتَا يَدَيْكَ غِيَاثٌ عَمَّ نَفْعُهُمَا
حُزْتَ الخَلَائِقَ بِالاِحْسَانِ كَالدِّيَمِ

تنهنجا ٻئي هٿ گويا بادل، عام ٿيو جن جو نفعو،
خير خواهي خلق جي ۾ ڄڻ وسي ٿو وڏ ڦڙو.

هٿ تسا ڏي گويا بادل، فيض جنهن دا عام جام،
خلق تي ٽي مهرباني، وڏ ڦڙي وانگر تمام.

**لفظي معني: كلتا:** ٻئي، **يديک:**- تنهنجا هٿ، **يدان:** يدين ۾ هٿ. هٿ 'نون' مضاف هجڻ سبب ڪري پيو، **غياث:**- ججهو مينهن وسائيندڙ ڪڪر، بادل، **عمر:** عام ٿيو، فعل ماضي مذڪر واحد غائب، **نفعهما:** انهن ٻنهي (هٿن) جو فائدو، **حزت:** تو حاصل ڪيو. فعل ماضي واحد مذڪر مخاطب، **الخلائق:** مخلوق، خلق، **الاحِسَانُ:** احسان، سهڻو سلوڪ، مهرباني، **الدِيَمُ:** لڳاتار وسندڙ وڏ ڦڙو مينهن، بارش، برسات.

**ترجمو:** اوهان جا ٻئي هٿ مبارڪ ججهو مينهن وسائيندڙ ڪڪر وانگر آهن، جن جو نفعو (فائدو) عام آهي. اوهان (پوري) مخلوق کي پنهنجن احسانن ۽ مهربانين سان ائين حاصل ڪيو آهي (گهيري ورتو آهي) جئين ساوڻ جو لڳاتار وسندڙ وڏ ڦڙو مينهن هجي. يعني اوهان جي شفاعت ۽ احسان مخلوق تي ساوڻ جي لڳارتار وسندڙ وڏ ڦڙي مينهن وانگر عام آهي.

(26)

أَيَا صَاحِبَ الْوَجْهِ الْمَلِيحِ جَبِيْنًا
اِرْفَعْ نِقَابًا عَنْ جَبِيْنٍ مُكَرَّمِ

خوبصورت چهري ۽ پيشاني وارا دلربا،
پنهنجي پيشاني مبارڪ تان ڪڻو پردو ذرا.

خوبصورت چهري تي پيشاني والي دلربا،
پاڪ پيشاني تون پيارا پرين پردا هٽا.

**لفظي معني: الوَجه المِلحُ:** خوبصورت چهرو، وڻندڙ چهرو، **جَبين:** پيشاني، **ارفعْ:** مٿي ڪر، مٿي ڪڻ، لاهي ڇڏ، **نِقابا:** پردو، نقاب، **عَنْ:** کان، **مكرمُ:** عزت وارو، مان وارو.

ترجمو: اي خوبصورت چهري پيشاني وارا نوراني نبي صلي الله عليہ وسلم پنهنجي مانائتي منهن مبارڪ تان ذرا نقاب (پردو) هٽايو (تہ عاشق بيتاب کي ديدار نصيب ٿي وڃي).

(27)

وَأْذَنْ مُحِبًّا هَاشِمًا شَاقَ رَوْضَتَكُمْ
لِيَكْحُلَ عَيْنًا مِّنْ تُرَابٍ وَّيَلْثَمِ

ڏي اجازت محبتي "هاشم" کي روضي تي اچي،
خاڪ اکڙين جو ڪري سرمو، چمي منهن تي ملي.

ڏي اجازت محبتي "هاشم" کون آوي روضي تي،
خاڪ اکڙيان دي ڪري سرما، چمي، منهن تي ملي.

**لفظي معني:** **واذن:** ۽ موڪل ڏيو، اجازت ڏيو، فعل امر حاضر، **مُحِبًا:** محبت رکندڙ، محبتي، **هاشما:** هاشم (يعني حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليہ کي)، **شاق:** شوق رکيو، شوق ڪيو، فعل ماضي مذڪر واحد غائب، **روضتكم:** اوهان جي روضي مبارڪ جي، **ليكحل:** جيئن تہ سرمون ڪري پائي فعل مضارع واحد غائب، **عينا:** اک، **تراب:** مٽي، خاڪ، **يلثم:** چمي، مکي، چميون ڏئي پنهنجي منهن تي مکي.

ترجمو: محبتي هاشم جيڪو اوهان جي روضي (جي ديدار) جو شوق رکي ٿو. ان کي اجازت ڏيو تہ هو (روضي مبارڪ جي خاڪ کي) چمي منهن تي ملي.

(28)

رُوحِي فِدَاكَ فَأَنْتَ حَيَاةُ رُوحِي
وَقُرَّةُ عَيْنِي وَالشِّفَاءُ مِنَ السَّقَمِ

جان منهنجي جان جي تون، جان پي تو تان فدا،
منهنجا اکڙين ٺار ۽ بيماري کان ڏيندڙ شفا.

جان ميڏي جان دي تون، جان پي تين تي فدا،
ميڏي اکڙين ٺار بيماري ڪٺون ڏيوين شفا.

**لفظي معنيٰ: روحي:** منهنجو روح، منهنجي جان، منهنجو ساهه. **فداک:** تو تي فدا، تو تي قربان، **حَيَاةُ روحي:** منهنجي جان جي زندگي، منهنجي جان جي جان، **قرة:** ٺار ٺڌاڻ، ٺڏکار، **عيني:** منهنجي اک، **الشِفا:** تندرستي، چڱ ڀلائي، **السقمُ:** بيماري مرض.

**ترجمو:** اي نبي نرمل صلي الله عليہ وسلم اوهان تان منهنجي جان ٻہ قربان آهي. اوهان منهنجي جان جي جان (حياتي، زندگي) آهيو. اوهان ئي منهنجي اکين جو ٺار ۽ بيماري کان تندرستي ۽ صحت سلامتي آهيو.

(29)

صَلّٰى عَلَيْكَ اللّٰهُ فِيْ كُلِّ سَاعَةٍ
اُلُوْفُ اُلُوْفٍ لَا تَتَنَاهٰى وَتَخْتِمْ

موڪليندو رحمتون تو تي خدا هر دم رهي،
جي هزارن ۾ هزارين، حد نہ جن جي ڪا هجي.

رحمتان رب تين تي هر دم موڪليندا ئي رهي.
سي هزارين تي هزارين، حد نہ ڪا جنهن دي رهي.

**لفظي معنيٰ: صليٰ عَليکَ:** تو تي رحمت موڪلي، صَليٰ فعل ماضي واحد مذکر غائب، رحمت موڪلي، **في:** ۾، **کل:** سمورين، سڀ، **ساعة:** گهڙي، ساعت، **الوف:** هزارين واحد الف، **لاتتناهي:** جنهن جي انتها نہ هجي، جنهن جو ڇيڙو نہ ٿئي، فعل مضارع واحد مونث غائب.

**ترجمو:** الله تعاليٰ اوهان تي هر گهڙي هزارين هزار پنهنجون رحمتون موڪليندو رهي. جن جو ڪو بہ ڇيڙو انتها ۽ اختتام نہ هجي پر هميشہ هميشہ هجن.

(30)

وَسَلِّمْ عَلَيْكَ وَآلِكَ وَصَحَابَةٍ
مَادَامَ رَبُّ الْخَلْقِ يَبْقٰى عَلَى الدَّوَامِ

تو تي تنهنجي آل ۽ اصحاب تي تيسين سلام،
خلق جو رب جيسين باقي آهي دائم ۽ مدام.

تين اتي تيڏي آل تي اصحاب تي تيسين سلام،
جيسين رب مخلوق دا موجود هي دائم مدام.

**لفظي معنيٰ:** **وَسَلِّمْ عَلَيكَ:** ۽ اوهان تي سلام ۽ سلامتي موڪلي، فعل ماضي واحد مذڪر غائب، **وآلکَ:** ۽ اوهان جي آل تي، **صَحابَة:** اصحاب، ساٿي، يار، **مادام:** جيستائين، **رب الخَلِق:** مخلوق جو پالڻهار خداوند تعالي، رب العالمين، **يَبقيٰ:** باقي رهندو، همبشہ رهندو فعل مضارع واحد مذڪر غائب، **الدوام:** هميشہ لاءِ، دائم رهڻ وارو.

ترجمو: اوهان تي اوهان جي آل پاڪ ۽ اصحاب سڳورن تي الله تعاليٰ تيستائين پنهنجا سلام ۽ رحمتون موڪليندو رهي، جيستائين مخلوق جي پالڻهار (الله تعالي) کي هميشہ هميشہ بقا آهي، يعني جهڙي طرح خداوند ڪريم جي ذات هميشہ هميشہ رهڻ واري آهي. اهڙي طرح ان جون رحمتون بہ اوهان تي ۽ اوهان جي آل تي ۽ اصحابن تي هميشہ هميشہ هجن. (آمين)

غرض آهن هي سٽون "مشتاق" ياران دوستو،
ياد مونکي هر گھڙي پنهنجي دعائن ۾ ڪجو.

زندگي ساري ثناگر مصطفي جو ٿي رهان،
موت ويلي پي هجي صَلوا عَليٰ ورد- زبان.

دم ڏيان مان دوست جي در شل مديني پاڪ ۾،
جسم منهنجو دفن ٿئي جنت بقيع جي خاڪ ۾.

مان هجان پاڙي پرينءَ جي ۾ هميشہ واسطي،
زندگي ۽ عاقبت منهنجي پلاري ٿي پوي.

هي اجابت جي گھڙي آهي خدا وٽ باليقين،
سڀ چئو "آمين ثم آمين رب العالمين".

***

ISBN 978-969-9098-53-6

Rs. 70/-